
پيچ ڊاھ
[نثراڻا احساس]
احسان آڪاش
احساس

# پيچ ڊاهه

(نثراڻا احساس)

## احسان آڪاش

احساس
پبليڪيشن حيدرآباد 2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
2024ع

**Book No: 27**

- **ڪتاب:** ڀڃ ڊاھ
- **موضوع:** نثراٽا احساس
- **ليکڪ:** احسان آڪاش
- **ڇاپو:** پهريون – جنوري 2021ع
- **تعداد:** 500
- **ڪمپوزنگ اينڊ ٽائيٽل :** احسان آڪاش
- **ڇاپيندڙ:** احساس پبليڪيشن - حيدرآباد (03013324100)

**مُلھ** : 200 **روپيہ**

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

**www.sindhsalamat.com**

2024ع

---

- **Book:** **Bhajj Daah**
  Prosaic Feelings
- **Author:** **Ehsaan Aakash**
- Edition: 1st January – 2021
- **Quantity:** **500**
- Composing, Lay out & Title:
  Ehsaan Aakash
- **Printer:** **Ehsaas Publication Hyderabad**
  03155577538
  balochahsan110@gmail.com

**ڪتاب ملڻ جو هنڌ**

احساس پرنٽرس اينڊ پبلشرز آفيس نمبر: 13 ٽئين منزل
شمشاد چيمبر گاڏي کاتو حيدرآباد (03013324100)

# ارپڻ

ھي اسان جون اڪيون نہ بلڪ ٻين جون اڪيون آھن، جيڪو اسان کي برباد ڪنديون آھن. جيڪڏھن سواءِ منھنجي دنيا جا تمام ماڻھو انڌا ھجن ھا تہ مان ڪڏھن بہ عمدي لباس ۽ خوش نما سامان جي پرواھ نہ ڪريان ھا !                (**بينجمن فرينڪلن**)

## سنڌسلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران احسان آڪاش جي نثراڻي احساسن جو مجموعو ”پيچ ڊاھ“ اوھان اڳيان آڻي رھيا آھيون. خليق ٻگهيو لکي ٿو:

”احسان آڪاش جي نثري ٽُڪرن ۾، زندگيءَ جي ڪِٿي نہ ڪِٿي ڪا عرق ـ سازي آھي، ياڳ اَياڳ جي وَرق ـ گراني آھي، دَورَ جي ڪُک مان سياڳ ٻَولڻ جو سعيو آھي. مُقدرَ جي جھيڻي روشنيءَ جي شڪايت آھي. نفرتن خلاف احتجاج آھي. مُحبّتن جي ميراث آھي. ڪنزيومر سوسائٽيءَ جي بي ـ حِسيءَ جو ڏُکُ آھي. احسان آڪاش جي نثري ٽکرن مان، زندگيءَ جي تلخيءَ جي باوجود، زندگيءَ سان سِڪَ، مُحبّت پيار، نرملتا ۽ نفيس پَٽي جا خوبصورت عڪسَ پَسي سگھجن ٿا.“

ھي ڪتاب احساس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون احسان آڪاش جا جنھن ھي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست:


مهاڳ: احسان آڪاش جي نثري تڪرن جو تخليقي ڳتا ڪان تخليقي نڪتہ نظر تائين — خليق ٻگهيو — 08

اَمهاڳ: احساسن جي تشريح — احسان آڪاش — 13

احسان آڪاش جو قلمي سفر — ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ — 21

هي پيڄ ڏاهه معنيٰ ۽ مقصد ڳولهي ٿي ڏي — زاهده تاج ابڙو — 23

هي ڪتاب هڪ دانهن آهي، هڪ ميار آهي — عين سحر — 25

احساسن جو ڏيئو وساميو ڪٿي آ — خالده سحر — 28

زندگي جو نچوڙ— پيڄ ڏاهه — مخدوم آسيہ قريشي — 31

احسان آڪاش هڪ حساس ليکڪ — سپنا گل — 33


# نثراڻي ترتيب:


زندگي — 35

حساب ڪتاب، خواب ، اُپ جي ڇاتي، لعنت — 36

سياست، ادب، عورت — 37

هُڳاءُ — 39

رشتا، اڪيلائي، سماج، سگهه — 40

پهرين چُمي، ننڊ — 41

آنڊ مانڊ — 42

پيسو محبت ۽ نفرت، ياڳ، ڪشڪول — 43

خواهش، ڪن فيڪون، گهڙي، زندگي جون اکيون — 44

ڪوجهائپ — 45

ماڻهپو داغ — 46

نظر — 47

احساس، ڪمرو پالڻهار — 48

سپنا، دعا، سسئي ۽ صدا — 49

مايا، اهميت — 50

وجود — 51

| | |
|---|---|
| هڪ سوچ | 52 |
| فاسشست | 53 |
| حرص ۽ مفاد | 54 |
| ظرف، قدر، لفظ | 56 |
| سبق، هڪ ڳالهہ | 57 |
| صرف افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو | 58 |
| بس هڪ ڏينهن مرڻ لاءِ | 59 |
| تقدس | 60 |
| ڏُک ۽ سُک | 61 |
| ويڙهہ | 62 |
| علامت، شيون، اميد، مضبوطي | 63 |
| مثبت رُخ | 64 |
| اڌوري لکڻي، ياد | 65 |
| رب ۽ ڪُفر | 66 |
| اي منهنجي سپنا! | 67 |
| برف، فطرت | 68 |
| جڳ جا ويري | 69 |


## نثراڻا احساس (پيچ ڊاهہ):


| | |
|---|---|
| تصويرِ زندگي | 71 |
| لڳاءُ | 72 |
| ذهني غربت | 74 |
| ماڻهن جو هڪڙو قسم هي بہ آهي | 75 |
| ادب | 76 |
| پيچ ڊاهہ | 77 |
| محبت | 79 |
| حرامي | 80 |
| ٿورائتو | 81 |
| زندگي هڪ رولو ڪُتو | 82 |

**مھاڳ:**

## احسان آڪاش جي نثري ٽڪرن جو تخليقي ڪٿا ڪان تخليقي نڪتہ نظر تائين جو سفر !

نثري ٽُڪرن جي هيئت، نثري نظم کان مختلف ٿئي ٿي، نثري نظم جي ڪا سِٽَ، نثري ٽُڪري جھڙي ٿي سگھي ٿي، ڪِن ڪھاڻين جا ڪي مڪالما، نج نثري ٽُڪرن جھڙا ٿين ٿا. نثري ٽُڪرن ۾ فرد جي اندر جي ڪائنات ، جڏھن موجون ھڻي ٿي ۽ اُن جو اظھار دل ـ لُڀائيندڙ آهي تہ پڙھندڙ لاءِ اُھو وڏو پُرڪشش بڻجي پوي ٿو. ڪِن نثري ٽُڪرن ۾ وقت جي چھري تان نقابَ هَٽن ٿا ۽ مختصر ٿيندي، هڪ ئي جُملي ۾ اُھي نثري ٽُڪرا، پڙھندڙ ڪي اتھاس جو آئينو ڏيکارين !چڏين ٿا، جيئن ۽ احسان آڪاش جا ھيءُ نثري ٽُڪرا آھن :

” تاريخ جي سيني ۾ اڄ بہ طوائفن جي ڪوٺن تان سرجيل بھترين غزل دفن آھن “

”روئڻ زندگيءَ جي علامت آهي“

”وقت جي ڪشڪول مان منھنجي عمر جا 39 ڪوتا سِڪا ڪِري پيا آھن “

احسان آڪاش جي نثري ٽُڪرن ۾، زندگيءَ جي ڪِٿي نہ ڪِٿي ڪا عرق ـ سازي آهي، ياڳ اَياڳ جي وَرق ـ گراني آھي، دَورَ جي ڪُڪ مان سياڳ ڳولڻ جو سعيو آهي. مُقدرَ جي جِھيڻي روشنيءَ جي شڪايت آهي. نفرتن خلاف احتجاج آھي. مُحبّتن جي ميراث آهي. ڪنزيومر سوسائٽيءَ جي بي ـ حِسيءَ جو ڏُکُ آهي. پيسي، دولت تي بڏل، غير انساني روين واري سماج خلاف فريادُ آهي.

احسان آڪاش وٽ اظهاريت جي تلخي بہ آهي، پر زندگيءَ جي زهر کي نرم لفظيات جو لباس تہ نٿو پارائي سگهجي:

**اڪيلائي:**

” اڪيلائي “ ڪُتيءَ جيان هوندي آهي،جيڪا اڪثر مون کي ڪائيندي رهندي آهي“

احسان آڪاش جي نثري ٽڪرن مان، زندگيءَ جي تلخيءَ جي باوجود، زندگيءَ سان سِڪَ، مُحبّت پيار، نرملتا ۽ نفيس چٽي جا خوبصورت عڪسَ پَسي سگهجن ٿا :

**پهرين چُمي:**

تنهنجي طرفان ڏنل پهرين چُمي، جنهن ۾ ڪائنات جا سمورا رنگ ۽ احساس سمايل هئا، انهيءَ چُميءَ جو لمس اڄ بہ مون کي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي“

**خواب:**

”خواب جو تعلق ننڊ سان آهي ۽ مان صدين کان اوجاڳن جو مسافر آهيان“

**شيون :**

”جيڪي شيون اوهان جي هٿ وس آهن اهي حقيقت آهن ۽ جيڪي شيون اوهان جي هٿ وس ناهن،اهي صرف خواب آهن “

احسان آڪاشَ وٽ، نثري ٽُڪرن ۾ سماج جا ڪئَين رنگ روپ اظهاريل آهن، هُن وٽ هڪ ئي جُملي جي ساختَ ۾ سنڌي سماج جي بُکَ جون ڪئَين تصويرون آهن، جن ۾ لفظَ استعارا بڻجي، تخليقي ڪينواس جو سُياءُ بخشين ٿا، سندس نثري ٽُڪرن جي ٻاهرين معنوي لباس کان هَٽي ڪري، ڏِسجي تہ معنويت جي تَهن ۾ سندس خيالَ

درد وندڙيندي نظر ايندا، جيئنءَ هيءُ نثري ٽُڪرو ٻُڪ کي ”لعنتن“ جي استعاري ۾ پيش ڪري، سماج تي زبردست چٽڙ ڪري ٿو:

**لعنت:**

”ٻُڪَ سيني لعنتن جي ماءُ آهي“

احسان آڪاش جا نثري ٽُڪرا مختصر روپَ ۾ زندگيءَ ۽ سماج جو ڳُوڙهو فلسفو پيش ڪن ٿا. سنڌي سماج جي وچايل قدرن جا عڪس ۔ نگار آهن. لاشعوري سمتن جو درُ کُوليندڙ آهن، هُن جي اندر جي زخمي ۔ اکين ۾ جذهن بہ سُيون ٽُنبجڻ جو احساس ڪُرُ موڙي ٿو تہ اُهو لفظن جي ميتن ۾ اوتجي جذب ٿي وڃي ٿو. پوسٽ ماڊرن دَور ۾ جڏهن بد صورتي بہ خوبصورتيءَ ۾ لڪائي پئي وڃي ، جڏهن جيت ۽ هارَ جا فرق مِٽجي رهيا آهن تنهن پوسٽ ماڊرن دَور ۾ هُن جي نثري ٽُڪرن ۾ خوبصورتيءَ ۽ ڪوجهائپ جي وچ واري فرق کي چِٽي ڪرڻ جا سنيهو موجود آهي. احسان آڪاش جي نثري ٽُڪرن وارا خيالَ، فضيلت جي سجاده نشيني ڳوليندي، ماڻهپي جي منزل جا متلاشي ٻڌيل آهن.ٻهِنن نثري ٽُڪرن ۾ دنيا جي وشال پڌر تي، انساني پتڪڙي وجود جي، ساڄھ ۽ ماهيت جي ڪَٿَ ڪرڻ جي، ڪوشش پڌري پٽ نظر ايندي!

احسان آڪاش جي نثري ٽُڪرن ۾ زندگيءَ جا خواب، سمونڊ جي سِپين جھڙا پسايا ويا آهن، هُن خلوص کي دعا قرار ڏنو آهي. هُو زندگيءَ جي مهانگن سبقن کي سَستن ماڻهن ۾ ڳولڻ جو ڏَس ڏيئي ٿو ڏُکين حالتن ۾ اڪيلي وڙهڻ جو درس ڏيئي ٿو سندس خيالَن موجب، اُها ئي هِن دَور جي فڪري۔ مضبوطي آهي.

احسان آڪاش هِنن نثري ٽُڪرن ۾ زندگيءَ جي اونداهي پاسن کي به نروار ڪري ٿو مايوسين کي لِڪائيندي به هُو لِڪائي نه سگهيو آهي، ڇوته مايوسي به زندگيءَ جو حصو آهي، پر هُو پنهنجي تخليقي سَنيهي ۾ رُوشن راهن جو متقاضي ضرور آهي. ناڪاري روين جي موجودگيءَ ڪان، سندس نثري ٽُڪرا فراريت اختيار ڪري ئي نٿا سگهن، ڇوته خود تخليقڪارُ به اسان جيان، پُننتي پيل سَماج جي اڻ- ٽر اثرن ڪان محفوظ رهي نٿو سگهي، پر هِنن نثري ٽُڪرن ۾ هُن خيالن جي اوپر واري دريءَ به کُولي آهي، جتان تخيلاتي سطح تي، تازي هَوا گُهلي ٿي. جتان سج جا ڪِرڻا، پڙهندڙن جي ذهنن کي روشني ڪن ٿا. هُن پنهنجي تخليقيت جي عڪسن ۾ پنهنجي ئي برف ٿيل، روين کي ساروڻين جي گُهلندڙ هيرَ تي، گرمائڻ جا جتن به ڪيا آهن ته جيئڻ زندگيءَ سان ڪيل لڳاءَ ، ڪشش، ڇهاءَ ۽ شوق جي همعصري سان نياءُ به قبوليت- جوڳو بڻائي سگهجي!

احسان آڪاش جي نثري ٽُڪرن کي جيڪڏهن تخليقي ڪسوٽيءَ تي پرکيون ٿا ته ڪِني سندس نثري ٽُڪرا، مون کي نثري نظمن جا ٽڙيل وجود پائنجن ٿا، ڪِني سندس نثري ٽڪرا، پاڻَ ۾ ڪهاڻين جون لڪل صورتگريون عڪسيندي نظر اچن ٿا ، ڪِني هي نثري ٽُڪرا فليش فڪشن جهڙا آهن، سرجڻهار جو اندر جو سُتل ڪهاڻيڪارُ به سندس نثري ٽُڪرن مان ليئا پائيندي نظر اچي ٿو. سندس ڪي نثري ٽُڪرا، سندس ڊائريءَ جا ورق لڳن ٿا. ڪِن نثري ٽُڪرن جي طوالت، سندس تخليقيت ۾ ڊيگهه جي صورت ۾، خوامخواه ايراضي والاري ٿي، ڪٿي مخاطب سان مخطوب جي اجائي مِٽي مائٽي، سندس خوبصورت نثري ٽُڪرن جي سُونهن کي بي رونق

ڪري ورتو آهي، ڪِٿي خيالَ ورجاءُ جو شڪار بہ آهن، پر تنهن هوندي بہ سندس نثري ٽُڪرا هڪ تخليقي ذهن جا زندگيءَ ۽ سماج بابت نڪتہ ـ نظرَ آهن ، جنهن ڪري احترام لائق آهن. هنن نثري ٽُڪرن ۾ زندگيءَ جي حقيقي ڪٿائون پُر ڪشش آهن. ڪِن نثري ٽڪرن ۾ ليکڪ جي آتم ـ ڪٿا جا ڇُهاءَ آهن، جن مان، سندس تخليقي ڪائنات آتم ـ ڪٿا لِکڻ لاءِ بہ تڙپندي نظر اچي ٿي، ادب هوندءَ بہ ماڻهوءَ جي سوانح ـ نگاري ئي تہ آهي، تخليقي ادب پنهنجي ئي تجربن ،مشاهدن ۽ ادراڪ جو عڪس ـ ڪارُ ئي تہ آهي!

مُنهنجي خيال ۾ هِنن نثري ٽُڪرن ۾ احسان آڪاشَ، پنهنجي زندگيءَ جي آئيڊيلزم کي سموئڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي آهي. هُن سماج جي بُک، بدحاليءَ، بيروزگاريءَ، بيوسيءَ، لاچاريءَ، ڪسمپرسيءَ ۽ طبقاتي جبر کي هنن نثري ٽُڪرن ۾ پُوئيو بہ آهي ۽ سنڌي سماج جي مجموعي نفسيات جا اولڙا بہ سندس نثري نظمن ۾ چِٽي طرح ڏِسي سگهجن ٿا. سندس درد سماج جو درد ئي آهي، آئيڊيلزم نفيس، نرمل، ڪومل سڦلتائن کي سانڍڻ جا سپنا ساري سنڌ جي اتهاس جي ئي سينڌ سنوارڻ جي ڪوشش لڳي ٿو. اسان سڀني چنتائن جي باوجود، سندس تخليقي جنم ـ آستان مان جمالُ، حظ، لطف، سرور ، فڪر ۽ سُهائيءَ جو سفر ڳوليندڙ آهيون!

**خليق ٻگهيو**
20 جنوري 2021ع
(رات جا 12:15)

اَمهاڳ:

# احساس جي تشريح

ڪٿان ڪان شروع ڪريان ۽ ڪٿي ختم ڪريان؟ ڪا سُوجهہ ٻُوجهہ ناهي.... قدرت طرفان عطا ڪيل زندگي جتي هڪ خوبصورت تحفو آهي تہ اُتي ڏرتي جي وشال سيني تي پيرين اگهاڙا، ننگا ٻار ۽ انهن ٻارن جي بُک جي شدت ڪان دانهن جو نالو بہ زندگي آهي، جيڪا شايد لفظ بدصورتي جي خانا بہ پوري نہ ٿي ڪري....!!! هِن زندگي ۽ هُن زندگي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

منهنجو هي ڪتاب لکڻ جو مقصد ڇا هيو؟ مون کي ڪا ڄاڻ ناهي پر ها ايترو ضرور چوندم تہ جيڪر مان هي ڪتاب نہ لکان ها تہ شايد منهنجي اندر ۾ گهٽو ڪجهہ پيچي پورا ٿي وڃي ها، ۽ انهن ذرن کي سميٽڻ مون جهڙي هڪ اڻ گهڙيل ماڻهو لاءِ انتهائي ڏکيو ٿي پوي ها. مان پنهنجي اندرجو بوجهہ ڪنهن حد تائين هي ڪتاب شايع ڪري لاهي ڇڏيو آهي. پر تنهن هوندي بہ ڪا ڇٽنگ اڃان بہ جڙ ڏُکي رهي آهي. اڃان بہ اندر ۾ گهٽو ڪجهہ آهي جيڪو لکٽو آهي. زندگي جو ساٿ رهيو تہ ضرور اهي احساس بہ ڪنهن ڪتاب جي صورت ۾ آڏي وٺبا. في الحال پنهنجي طرفان ادب ۾ هي مختصر حصو ڳنڍڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش ڪئي آهي.

احساس هر انسان وٽ پلجندا رهبا آهن، هر ساهہ ڪٽندڙ وجود احساس رکي ٿو. اندر جي ڪيفيتن جو نالو احساس آهي. ڪي انهي معاملي ۾ ڪافي حد تائين حساس هوندا آهن تہ ڪي وري انتهائي سخت هوندا آهن. مان انهي معاملي ۾ شايد حساسيت واري درجي ۾

پاڻ ڪي وڏيڪ پانيان ٿو ڇو تہ مون وٽ احساسن جي هڪ الڳ تشريح آهي، سو اهڙي ريت مون وٽ گذريل ڪافي ڏينهن کان، ڪافي سالن کان ڪجھ احساس پلجي رهيا هئا، سوچيم تہ انهن احساسن کي ائين ڇڏي ڏيندس تہ ٿي سگهي منهنجو ڪيل ڪم، پورهيو، احساس سواءِ ڊسٽ بن جي مقدر جي ٻيو ڪجھ حاصل نہ ڪري سگهن. سو انهي سوچ کي پاٽي ڏيندي ڪيئي سالن کان ٽڙيل پکڙيل احساس گڏ ڪرڻ ۾ جُنبي ويس.... ۽ ائين ڪجھ ڏينهن جي محنت پڇاڙان ڪتابي شڪل ۾ منهنجا هي احساس محفوظ ٿي ويا.

هن ڪتاب ۾ مون زندگي جا اهي رنگ چِٽيا آهن جيڪي مون محسوس ڪيا آهن، مشاهدي هيٺ آندا آهن، مطالعي هيٺ ڪجھ احساس رهيا آهن، پيڙائون، پوڳنائون، خواب، احساسِ محرومي، سماجي اڻ برابري، اوڻايون، مطلب تہ ڪجھ وٽندڙ ۽ ڪجھ اٽوٽندڙ احساس پڻ لکيا آهن. هي ڪتاب منهنجي اندر جو ڪمزور ۽ مختصر آواز ئي سهي پر گهٽي هُل ۾ مان بہ رڙ ڪرڻ جي هڪ ننڍي ڪوشش ڪئي آهي. شايع ٿيڻ تہ منهنجي شاعري جو ڪتاب گهرجي ها پر مان هي نثراڻن احساسن تي مشتمل ڪتاب اتفافي طور آندو آهي.

مان پنهنجي ادبي شروعات سن 2002ع کان پڻ نثر کان ڪئي هئي سو انهي روايت کي پڻ برقرار رکندي مان هي پنهنجو پهريون ڪتاب بہ نثر ۾ آندو آهي.

جيون سوين رُخ بدلائيندو آهي. سو منهنجي جيون بہ ڪوڙ ساريون شڪليون بدلايون آهن، جن مان مون کي پيُ بہ ٿيو هوندو. ڪن شڪلين کي مان ياڪر وڌندا هوندا ۽ ڪن شڪلين سان مان

سمجهوتو ڪيو هوندو...... مطلب ڪڏهن ڪهڙي شڪل ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي شڪل ۾ مان پنهنجي جيون سان مليو آهيان !؟ پر في الوقت جيڪا زندگي جي شڪل آهي اها وٽندڙ آهي.....!!! انهي وٽندڙ ڪيفيت ۾ مان هي پنهنجو پهريون پورهيو اوهان مانوارن جي هٿن تائين پهچائي سگهيو آهيان.

ڪتاب ”**پيچ ڍاھ**“ جنهن ڪي نثري ٽڪرا، نثراٽا ٽڪرا چئجي ته به ڪو وڏاءُ نه ٿيندو پر مون وٽ هي احساس آهن نه ڪي ٽڪرا آهن. ادب ۾ نثري ٽڪرن جو رجحان ڪو نئون نه آهي، مون ڪان اڳ ادب ۾ ڪافي بين پڻ نثري ٽڪرا لکيا آهن جنهن ۾ شيخ اياز، ايوب کوسو، ماهتاب محبوب، خليل جبران، سعيد سومرو ۽ بين جا نالا اچي وڃن ٿا.. نثري ٽڪرن جي ادب ۾ ڪيتري اهميت آهي اهي وقت جا ناقد ئي ٻڌائي سگهن ٿا ته ادب ۾ هي احساس ڪيتري جڳهه ولارين ٿا.....!!!؟؟؟

مون هن ڪتاب ۾ جيڪي موضوع زيرِ بحث آندا آهن سيني کي چڏي ڪري مان هتي ڪجهه موضوعن تي ذڪر ڪرڻ چاهيندس...

**اُپ جي ڇاتي:** هي احساس منهنجي وجود جو هڪ مڪمل مبهم احساس آهي، جيڪو منهنجي اندر ۾ مسلسل پلجي رهيو آهي. اُپ جي ڇاتي چيرڻ مطلب اُپ تي جيڪو مٿي وينو آهي ان ڏانهن پنهنجي وجود جون دانهون پهچائڻ آهي ته هو ڇو نه ٿو سڏ ٻڌي، ڇو نه ٿو منهنجي دانهن ورنائي...؟ ۽ مان انهي ڪوشش ۾ پنهنجا هٿ وڍائڻ مطلب هڪ ناڪام ڪوشش ڏانهن اشارو آهي.

**ڏوڙ:** هي احساس منهنجي 39 سالن جي پنهنجي شناخت کي تلاش ڪرڻ جي ڏوڙ متعلق آهي، مون کي گمنام موت هرگز نہ گهرجي، مان ائين هرگز مرڻ نہ ٿو چاهيان....!

**هُڳاءُ:** مون کي پنهنجي ڌرتي جا ڳوٺ، واهڻ، ٻهراڙي تمام گهڻي پسند آهي. مون کي اهڙن فطري نظارن سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. هي احساس منهنجي انهي فطري لڳاءُ جي پوري نہ ٿيڻ بابت آهي. مون کي ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ شهر جون سيئي رونقون ڇڏي ڪري وڃي ٻهراڙي وسايان جتي منهنجو گهر ڪچو هجي، ان گهر جو آڳر ڪچو هجي، شام جي پهر ۾ مان پنهنجي گهر جي آڳر تي کٽ رکي وشال آڪاس کي ڏسان، فطرت کي چمي سگهان، ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجي انهي ڪچي آڳر تي ڇنڪار ڪيان ۽ انهي مان اٿندڙ مٽي جي خوشبو جو واس وٺان....!!!!

**اڪيلائي:** هي لفظ ”ڪُتي“ ... شايد هضم ڪرڻ جهڙو نہ هجي پر مان هتي لفظ ”ڪُتي“ کي ان لاءِ استعمال ڪيو آهي، جو ڪتو يا ڪُتي هڪ خوف جي علامت پڻ آهي، جنهن مان اڪثر ماڻهو خوف کائيندا آهن، سو مون وٽ بہ اڪيلائي جو اهڙو ئي تصور آهي جنهن مان مون کي ڪڏهن ڪڏهن خوف ٿيڻ لڳندو آهي.

**ياڳ:** هي احساس لکڻ جو مقصد هي آهي تہ هڪ ڏينهن منهنجي پياري دوست سليم چنا مون کي ڪنهن دوست جو مثال ڏيندي چيو هو تہ: ”يار فلاڻو ياڳ وارو آهي، ڏس هن جا ڪم هن ريت پيا ٿين.... وغيره وغيره“ سو ان جي ڳالهہ ٻُڌي مون کي حيرت سان گڏوگڏ ڪِل بہ آئي تہ ادب لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي ياڳ جو هجڻ يا نہ هجڻ جو ڪو لاجڪ

ئي نه ٿو جڙي... منهنجو ڪم ئي مون لاءِ پاڳ آهي. چاهي منهنجو وجود پل اپاڳو هجي.

**ڪُن فيڪون:** ڪڏهن ڪڏهن اوهان جا احساس ۽ خواب به خودڪش بمبار جيان ڦاٽي پوندا آهن ۽ اوهان جي اندر ۾ گهڻو ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيندا آهن.

**ڪوجهائپ:** اسان جي اردگرد اهڙا ڪوڙ ڪردار آهن جيڪي اوهان جي اميج، اسٽيٽس، تعليم، ڏاهپ، صلاحيت، قابليت ڪان بنهه اڻ ڄاڻ هوندا آهن يا وري ڄاڻڻ ئي نه چاهيندا آهن. هي احساس اهڙن ماڻهن جي لاءِ جيڪي منهنجي نظر ۾ ڪوجها ماڻهو آهن.

**نظر:** هي ويڙهه آهي هڪ انسان جي پنهنجي اندر جي انسان سان.... هي ويڙهه آهي سماج جي اهڙي فرد سان جنهن ڪي هٿ وٺي اوهان اڳتي آندو ويو پر هو پنهنجي اوقات وساري ويٺو هي ويڙهه آهي اڻ برابري جي.....!!!!

**هڪ سوچ:** هي احساس آهي انهن لاءِ جيڪي هميشه ٻئي ڪان اڳ ڪيڏڻ جي چڪر ۾ شناس به وڃائي ويهندا آهن.

**علامت:** جڏهن ڪو نئون ٻار ڄمندو آهي ته والدين ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ لاءِ پريشان هوندا آهن جيڪڏهن ٻار نه روئندو آهي ته والدين جي پريشاني وڌي ويندي آهي ته ڪٿي ٻار مئل ته نه ڄائو آهي...!؟ پر جي ٻار وڏي آواز ۾ روئڻ شروع ڪندو آهي ته والدين خوش ٿي هڪٻئي کي مبارڪباد ڏيندا آهن ته ٻار زنده آهي...... بعد ۾ اهيو روئڻ عذاب بڻجي ٿو پوي اهو الڳ آهي.

**تصويرِ زندگي !** هن نثراڻي احساس ۾ مون اهڙن ڇهرن کي واضع

ڪيو آهي جيڪي هن خوبصورت ڌرتي تي رت وهائڻ جا عادي آهن. حساس ماڻهن کي ڏکوئيندڙ هوندا آهن. ٻين کي هميشہ تڪيلف ۾ ڏک ڏيندڙ هوندا آهن. سڄي عمر شيطان جيان پاڻ کي امر سمجهڻ وارا، فرعونيت کي فروغ ڏيڻ وارا هوندا آهن اهيو نہ سوچيندا آهن هڪ نہ هڪ ڏينهن اسان کي بہ مرڻو ضرور آهي.

**آخر ۾ ڪتاب جي نالي سان احساس "پيچ ڍاهہ" ۾ آهي تہ**

"مان ٽُٽي رهيو آهيان، ڀڄي رهيو آهيان.

منهنجي وجود جا سوين ٽڪرا ٿي پيا هجن، جن کي ميڙڻ کان هر ساهہ رکندڙ وجود قاصر آهي. مون روڊ، رستن، خالي گهرن، ديوارن ۽ زمينن سان پيار آهي. پر اهي سڀ شيون هاڻي مون ڏيڄاري رهيون آهن. مون کي پوءِ ٿو ٿئي انهن سڀني شين کان، مان چاهيان ٿو تہ مان هڪ وڏي ڏڪ ڏُڪان. ايترو ڏُڪان جو ٽڪجي ٻي ساهو ٿي روڊ تي ڏَهي پوان ۽ روڊ پنهنجون ٻانهون کولي مون کي پنهنجي آغوش ۾ ڀري وٺي. مون کي صرف فطرت گهرجي، ڌرتي گهرجي، مينهوڳي ڪانپوءِ مٽيءَ جو هڳاءُ گهرجي...! مون کي پيسا ناهن ڪمائڻا، منهنجو وجود ان لاءِ آهي ئي نہ. مون کي ان جهنجهٽ مان ٻاهر ڪڍي ڇو نہ ٿا ڇڏيو؟

مان هڪ الڳ وجود رکندڙ آهيان، مون کي ڇڏيو تہ مان پاڻ سان مِلان . مون کي هن زهريلي سماج مان ٻاهر ڪڍو جتي منهنجو دم ٿو گهُٽجي. ساهہ ٿو نڪري. پر .... هي سماج ڇتو ڪتو آهي جنهن مون کي ڏاڙهي وڌو آهي ۽ مان مسلسل زيرِ علاج آهيان...!!!"

هن نثراڻي احساس ۾ منهنجي اندروني ڪيفتين جي سموري وارتا بيان ڪيل آهي. مان ڇا آهيان، ڇو آهيان، ڇا ٿو ڪرڻ چاهيان؟

منهنجي ڪيفيت، منهنجي سوچ، منهنجا احساس ڇا آهن انهن مان گهڻو ڪجهه مون هن نثراڻي احساس ۾ سموئي ڇڏيا آهن. ڇو ته مون هن ڪتاب ۾ بناوٽي لهجي کان هٽي ڪري بلڪل نيوٽرل ٿي لکيو آهي، محسوسات کي لفظن جو روپ اوڍايو آهي. هروڀرو جي وڏاءُ کان پاسو ڪيو آهي. صرف احساس آهن جيڪي منهنجي گهر جي ڀاتي جيان مون کي بي حد پيارا آهن. اميد آهي ته منهنجي هي ڪاوش اوهان کي ضرور پسند ايندي.

## ٿورائتو آهيان:

- پنهنجي پرين پياري دوست، ڀاءُ ۽ محسن **خاڪي جاني** جو جنهن هن ڪتاب لاءِ خوبصورت بئڪ ٽائيٽل لکي موڪليو.
- مانواري سائين **خليق ٻگهيو** جو جنهن مختصر وقت ۾ هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لکي موڪليو.
- سنڌي جي نالي واري ليکڪ ادي **پروين موسيٰ ميمڻ** جو جنهن ڪتاب لاءِ تاثر لکي موڪليو.
- ناميار ي ڪهاڻيڪاره، ناولسٽ ڀيڻ **زاهده تاج ابڙو** جو جنهن پنهنجي مصروف وقت مان وقت ڪڍي ڪتاب لاءِ تاثر لکي ڏنو.
- هڪ ئي وقت سنڌي ادب جي هڪ سٺي شاعره، ڪهاڻيڪاره **عين سحر** جو جنهن ڪتاب رايو لکي موڪليو.
- ڀيڻ **خالده سحر** جو جيڪا هڪ سٺي شاعره، نثر نويس ۽ ڪالم نگار آهي، ان پڻ ڪتاب لاءِ پنهنجو تاثر لکي موڪليو.
- سنڌ جي ايرنڊڙ نئي ٿهي جي هڪ سجاڳ ليکڪ **مخدوم آسيه قريشي** جو جنهن هن ڪتاب لاءِ پنهنجو رايو لکيو موڪيلو.

- آخر ۾ پنهنجي وني، پنهنجي جيون ساٿياڻي **سپنا گل** جو جنهن محبت ۽ پاٻوهہ مان هن ڪتاب لاءِ پنهنجا قيمتي لفظ لکي ڏنا.
-

## احسان آڪاش

شمشاد چيمبر۔ آفيس نمبر: 13 ٿرڊ فلور
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

# احسان آڪاش جو قلمي سفر

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

نثر ۽ نظم ادب جون ٻه اهم شاخون آهن. نظم ۾ لفظن جا پوبل موتي گوهر جيان آهن ته نثر جو جلوو ۽ جمال سون وانگر آهي. نثري صنفن ۾ بيان ۽ موضوع جي چٽائي ۽ مواد جي موضوع سان موافقت اهم آهي. هنن گفتن ۽ سريلن، سهڻن لفظن جو استعمال نثر جي اولين ضرورت آهي.

موجوده ڪتاب جنهن تي هي تاثر لکي رهي آهيان سو ادا احسان آڪاش جو نثري ٽڪرن تي مشتمل آهي. جو جنوري 2021ع جو نئون تحفو ٿي سنڌي ميدان جي نثر ۾ لٿو آهي.

احسان رضا 27 جنوري 1982ع خيرپور ناٿن شاهه ۾ غلام رضا گاڏهي جي گهر ۾ جنم ورتو. ڪِرت طور استاد جي مقدس پيشي سان لاڳاپيل احسان آڪاش شاعر پڻ آهي ته نثرنگار پڻ. گڏوگڏ پنهنجي قائم ڪيل پبليڪيشن احساس معرفت سنڌي ادب جي خدمتگار طور ڪتاب شايع ڪرڻ ۽ ”احساس مئگزين“ ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن جو پورهيو اسان جي اڳيان آڻي رهيو آهي. هيسيتائين احساس مئگزين جا 24 شمارا شايع ڪري چڪو آهي ته تقريباً ٽيهارو کن ڪتاب پڻ پنهنجي ڇپائي جي اداري مان شايع ڪرائي پڙهندڙن تائين پهچايا اٿس.

”پيچ ڏاهه“ ڪتاب نثري ٽڪرن تي مشتمل آهي. جن جا موضوع ”زندگي، خواب، سياست، هُڳاءُ، سگهه، ننڊ، پيسو، خواهش، حرص ۽ مفاد، تصويرِ زندگي، مايا، هڪ سوچ، دوست ۽ فنڪار، لفظ، ذهني

غربت، ماڻھن جو ھڪڙو قسم ھي بہ آھي، پيچ ڊاھہ، ياد، محبت، فطرت، مثبت سوچ ٻيا آھن.“ جي انساني روين ، عملن، خواھشن ۽ سوچن بابت ليک جا ويچار آھن.

مثبت رُخ يا ھاڪاري سوچ بابت ليک لکي ٿو تہ: ” ھڪ سِڌي ۽ مثبت رُخ ۾ اوھان جو ڪيل ڪم ھڪ نہ ھڪ ڏينھن ضرور سڦلتا ماڻيندو. سامھون واري جي ڪم ۾ ڪيترا نقص آھن؟ ان ۾ ڪھڙا گُڻ آھن؟ اھڙي سوچ کي نندي ڪري صرف پنھنجي حصي جي ڪم تي ڌيان ڏئي اڳيان وڌندڙ پنھنجي منزلِ مقصود تي ضرور رسندا آھن. مسلسل محنت، جاکوڙ ۽ سچائي جي جذبي تحت ڪم ڪرڻ سان اوھان سماج ۾ ھڪ سٺي ۽ معياري ساک ضرور بڻائيندا...“

لفظ جي اھميت ڳالھائڻ ۾ ڪيتري آھي اھو ھرڪو سمجھي ٿو پر احسان آڪاش فقط ٻن سٽن ۾ اھو نڪتو ھن ريت ڄاڻايو آھي. ”لفظ ھميشہ منا ڳالھايو. جيڪڏھن اھي لفظ اوھان کي ڪڏھن واپس وڻا پون تہ ڪڙا نہ لڳن ....!“

احسان جو لکڻ جو سفر جاري آھي. ھن ڪتاب کان اڳ ھو ست ڪتاب گڏيل شاعري ۽ ڪھاڻين جا ترتيب ڏئي چڪو آھي. دعا آھي تہ رب پاڪ کيس سندس قلمي سفر ۾ ڪاميابيون عطا ڪري. آمين

# هي پيچ ڊاهه معني ۽ مقصد ڳولهي تي ڏي.

**زاهده تاج ابڙو**

انسان زندگي ڪيئن گذاري؟ جيئن هو پاڻ چاهي يا وري ان طرح سان گذاري جيئن هي سماج چاهي، جيئن هي ماڻهو چاهن! نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي، دل جي مڃجي يا دنيا وارن جي. اها سوچ منهنجي ڪيترين مقصدن ڪي وچ تي آڻي بيهاري ڇڏيندي آهي پر مان سمجهان ٿي اها سوچڻ جي ويڙهه صرف منهنجي من ۾ نه هوندي آهي پر بيا به اهڙا ڪيترا انسان آهن جيڪي مون جيان ان فڪري عنصر مان گذرن ٿا ۽ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. جڏهن به منهنجي اڳيان ڪو مسئلو آيو آهي ته مان ڇتو حتمي حل نه ڳولهي سگهندي آهيان ته مان ان معاملي کي فل اسٽاپ ڏئي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيندي آهيان. مون کي ان تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ وقت گهربو آهي ۽ پوءِ مان ڪيترن ڏاهن اهلِ علم اڪابرن جا قول پڙهڻ شروع ڪندي آهيان جيڪي منهنجي ذهن کي Energy ڏئي، Boost ڪندا آهن ۽ مون کي همٿائي Upward ڪندا آهن.

اڄ جڏهن ادا احسان آڪاش جو هي ننڍڙو ڪتاب ”پيچ ڊاهه“ ڏٺم ته هُن اندر جي پيچ ڊاهه کي کهڙي نه پانت پانت جي مفهومن سان ڪيئن نه جوڙي راس ڪيو آهي. پيچ ڊاهه جا هي نثري احساس سمجهه جي نوعيت سان فلسفي جي مڪمل سگهه سان ڪيترن ئي ذهني بنيادن کي لوڏي رهيا آهن. هي احساس ته من جي جوڙجڪ ڪن ٿا. مان سو سيڪڙو يقين سان اهو چئي سگهان ٿي ته جڏهن به ڪنهن جي اندر ۾ ڪا پيچ ڊاهه ٿئي، ان فرد کي احسان آڪاش جو هي ڪتاب هٿ ۾ کڻي شعور جي تسلسل واري نڪتي نظر سان هنن نثرائن

احساسن جو اونهو اپياس ڪري اندر جي پيچ ڊاهه، اڪيلائي، مانڊاڻ ۽ تڙپ جو باقاعده معنيٰ فهم مقصد ڳولهي لهندو.

ادا حسان آڪاش جو هي ڪتاب عقل، شعور ۽ مفهوم تي ٻڌل نثري ڪتاب ڪو عام رواجي هرگز ناهي هي Motivational Thoughts آهن. جيڪي وري وري پڙهيا ويندا. هي ڪتاب هڪ ڀيرو پڙهي ڪٻٽ ۾ رکڻ جهڙو نه ٿيندو بلڪ بار بار پڙهيو ويندو. هي ڪتاب دل ، دماغ ۽ سوچن جي سرگرمين ۾ گهمندو رهندو. جيڪڏهن اسان منزل جو ڪو مول حاصل ڪرڻ جي لاءِ دنيا جي عظيم ماڻهن جا اقوال پڙهون ٿا، پوءِ اهي فلاسافر هجن يا عالم ، بزرگ هجن. سڀني جو مقصد زندگي جو مقصد ۽ منزلون آسان ڪرڻ جا اپاءُ ڏيڻ هيو.

ادا حسان آڪاش جو هي ڪتاب به انتهائي دلچسپ آهي ۽ مون کي لڳي ٿو ته هن ڪتاب ۾ لکيل ڪيترائي ئي احساس سندن شخصيت جو حصو رهيا هوندا. ڪي سندن مشاهدا هوندا ته ڪي وري تجربا هوندا. پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا ڪيتران ڀيرا ٻين لاءِ ڪاميابي جي حاصلات جو سبب ٿيي پوندا آهن. ڪو به انسان تيسيتائين ڪامياب ڪين ٿي سگهندو آهي جيسين ڪيس پنهنجي منزل جي خبر نه هجي ۽ هر منزل جي رستي ۾ ڪنڊا ۽ روڙا ته ملندا ئي آهن پر شاباس هجي ادا احسان کي جنهن ڪيترن ئي راتين ۾ ويهي پنا لکي، ڪيترن کي منزل جي اونداهين رستن تي ڏيئا ٻاري ڏنا آهن. سندن لکيل هي نثراٽا احساس اونداهين سوچن ۾ روشني ڏيندا.

ادا احسان جو هي انمول تحفو سنڌي ادب ۾ بهترين واڌارو آهي. الله پاڪ کين وڏي حياتي ڏي، سدائين سُکيا هجن. آمين.

# هي ڪتاب هڪ ڏاهپ آهي، هڪ ميار آهي

## عين سحر

احسان آڪاش جو ڪتاب ”پيچ ڍاهہ“ پڙهندي، احساس مئگزين جي پهرين سالگره جي موقعي تي محترم شوڪت حسين شورو جو احسان کي چيل جملو ياد اچي ويو تہ ” اوهان جو نالو احسان احساس هجڻ گهرجي ها...!“ سچ پچ تہ هي ڪتاب احسان جو احساسن جو احساس ڏياريندي هنيانءَ ۾ ڇُهندڙ پائي ٿو ۽ گڏوگڏ هي ڪتاب پڙهندي مون کي منهنجي لکيل نثراٽن ٽڪرن کي ڇپائڻ جو احساس بہ ٿيو ۽ ياد اچي ويو ادب کي روزانو جي بنياد تي مطالعي ڪرڻ جو دور جڏهن مون رابندر ناٿ ٽئگور، خليل جبران، ماهتاب محبوب وغيره جا نثراٽن ٽڪرن وارا ڪتاب پڙهيا.

نثراٽا ٽڪرا نصيحت ۽ وصيت جهڙا هوندا آهن، اقوال زرين وانگي هوندا آهن. لکندڙ جي تجرن ۽ مشاهدن کان پوءِ جا سندس سوچن جا گوهر هوندا آهن.

احسان آڪاش هي ڪتاب ڀرپور احساسن سان لکي ڇڏي تہ بي حِس ماڻهن تي مقدمو هلايو آهي ۽ وقت کي جج بڻايو آهي. ڪي ماڻهو سچ ۾ تہ ان لائق هوندا آهن تہ انهن تي مقدمو هلائجي، فريادي ٿجي، پر ڪيئي مجبوريون ۽ اخلاقي تقضائون ايئن ڪرڻ ناهن ڏينديون ۽ وقت جيڪو ڪمن ڪارن ڪرڻ لاءِ ئي گهٽ آهي. جهيڙي ۾ ڇو وڃائجي، درگذر جو رستو ئي بهترين عمل آهي. سو احسان آڪاش بہ پنهنجي واٽ وٺي ڪم ۾ جُنبي ويجي ٿو.

هي ڪتاب هڪ دانهن آهي، هڪ ميار آهي جيڪي روين جي ساڙيندڙ ڄيپي، ماڻهن جي بہ اڪيائي، معاشي بدحالي سهندي، ناانصافيون ڏسندي، معاشي اڻ برابري ۽ دل جي تنهائي ۾ دل مان نڪري ٿي. پيٽ پرائي وارن جون ڦوڪون برداشت ڪرڻ ۽ پوءِ پنهنجي حصي جي ڪم ڪي ڪندو رهڻ سولو ناهي.

احسان پنهنجي سڄاڻپ لاءِ مسلسل پنڌ ڪري ٿو پيرن سان ئي نہ روح سان. سوچن جي اڻ ڪُٽ قافلن سان پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو. ”مثبت“ عنوان سان هن ڪتاب ۾ احسان جو لکيل نثراڻو ٽڪرو تہ سندس گفتگو جو حصو رهيو آهي. جڏهن ماڻهو جا تجربا، مشاهدا دنگ ڪن تڏهن ماڻهو جي گفتگو Motivational هوندي آهي ۽ هونئن بہ نثراڻا ٽڪرا تجربن ۽ مشاهدن جي بيان جو اختصار هوندا آهن.

احسان جو ادب سان پيار ۽ دلي لڳاءُ ڪڏهن جُڙيو سا تہ خبر ناهي پر ڪيڏو مضبوط جُڙيو سا سندس گفتگو ۽ جستجو مان خبر پوي ٿي. هن ڪتاب ۾ احسان پٿرائن پيچرن تي هلڻ جو گس ٻڌائي ٿو. هو پاڻ ڪڏهن پيرن سان پٿرن کي ٺُڏي ٿو تہ ڪڏهن پٿر ڪٽڻ جو ڪشت ڪري پٿر پاسائتا ڪري ٿو. هونئن بہ اهڙن رستن تي هلڻ ڏکيو هوندو آهي پر الميو اهو جو انهن تي هلڻو ئي نہ پر ٻڪڙو پوندو آهي ۽ هلندي هلندي همسفر بہ ناهڻا پوندا آهن تہ همقدم بہ ۽ اعتبارڏڪيل هجڻ جي ڪري اهو ڪم بہ سولو ناهي هوندو.

احسان بہ اهڙن پوڳنائن کي پوڳيندو رهي ٿو. تماشبين جي ميڙ ۾ پنهنجي خلاف سُس پُس ٻڌندو رهي ٿو پر ان ڏک ۾ سفر نہ فقط جاري رکي ٿو پر ڏکن کي محرڪ بڻائي ٿو. ثابت قدمي ۽ استقامت ان شيءَ

جو نالو آهي. جيڪا انسان کي ٻين انسانن کان جدا ٻڌائي ٿي ۽ انسان پنهنجو حوصلو پاڻ ٿئي ٿو. احسان به حوصلو ڪري، پاڻ سان واعدا وچن ڪري پنڌ پَئي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ان سڀ جهنجهٽ کان پاسائتو ٿي لوڪ کان نظر بچائي پنهنجي محبوبه سان پيارا انگل آرا به ڪري ٿو ۽ ڪيس منيون ميارون به ڏئي ٿو.

احسان جون رولاڪيون ۽ زندگي جي بقا جي جنگ جو احساس نثراڻن ٽڪرن مان پلي پيت ٿئي ٿو. احسان سِٽ سِٽ ۾ ساهه پريندي ڪشڪول عنوان سان لکي ٿو ته "وقت جي ڪشڪول مان منهنجي عمر جا 39 کوٽا سِڪا ڪِري پيا آهن" ويندڙ عمر تي سندس ڏک ان هڪڙي ئي سِٽ ۾ ناڪامين ۽ محرومين جي ڀڪ ڀوڙ جي مڪمل عڪاسي آهي. **گهڙي** جي عنوان سان لڳم ته زندگي اکين مان بيوسي جو ڳوڙهو بڻجي وهي ٿي. **پالڻهار** جي عنوان سان ٽڪرو پڙهي دل پرجي اچي ٿي. **سپنا** عنوان سان لکيل سِٽن ۾ اڌپورن سپنن کي سمنڊ ڪناري پيل سِپين سان تشبيهه ڏني وئي آهي جيڪا دل کي ڇُهي وڃي ٿي. **سسئي ۽ صدا** ۾ سکي جي ماناري ۽ بي رُخي جو ذڪر آهي. ان جي سسئي جي ننڊ سان تشبيهه به وڻندڙ آهي.

# احساس جو ڏيئو وساميو ڪٿي آ؟

## خالده سحر

انسان ڇا آهي؟ ڪيفيتن احساسن جذبن ۽ ٻنڌڻن جو محتاج جيڪو انهن ڪي ساڻ ڪٽي جيئڻ لئه جاکوڙيندو رهندو آهي- ان مسافري دوران جڏهن انهن مان ڪا هڪ شيءَ به راهه ۾ ٿڪي وڃي ته ان جي ڳولا اڪيلي وجود کي ٽڪائي ڇڏيندي آهي ڪڏهن احساس وڃائجو وڃن ته ڪڏهن ڪيفيتون رستا متائيندڀون رهن ٿيون ڪڏهن جذبن جو گهر ڊهي پوندو آهي ته ڪڏهن ٻنڌڻ منهن متائي ويندا هن- جڏهن وجود جي تارازيءَ جو هڪ پاسو ڳرو ۽ ٻيو هلڪو هوندو ته غير متوازن حالت جنم وٺندي- ۽ انسان منجهه دل ۽ دماغ ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿي پوندو جڏهن ٽڪراءُ ٿيندو ته ڪيفيتن احساسن جذبن ۽ ٻنڌڻن ۾ زلزلو برپا ٿي پوندو جنهن ڪان پوءِ پيچ ڊاهه جو نه ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو-

احسان آڪاش جو ڪتاب پيچ ڊاهه به اهڙن ئي احساسن جو مجموعو آهي جيڪو پنهنجي وجود سان ويڙهه ڪندو نظر اچي ٿو- جڏهن وجود سماج کان الڳ ٿي هڪ ٻي راهه ڏانهن گامزن ٿيڻ چاهي ۽ دماغ ان کي سماج ڏانهن ڏڪي رهيو هجي ته انسان جي اندران باغي ۽ ڇڙواڳ جذبا جنم وٺن ٿا جن کي ليکاري لفظن جو روپ ڏيئي درد جو هڪ گلدستو سجائي ان کي پيچ ڊاهه جو نالو ڏيئي ڇڏي ٿو-

ادب ۾ انشارطرازي هڪ اهڙي نثري لکت يا تحرير هجي ٿي جيڪا مختصر پر پراثر هجي ٿي انشاءطراز مڪمل آزاد ٿي پنهنجي تحرير قاريءَ آڏو پيش ڪري ٿو جنهن ۾ ان جي وجود ۽ هستيءَ جو

عڪس يا ان سان لاڳاپيل ڪو پاسو نظر اچي ان جي بدلجندڙ ڪيفيتن جو ذڪر ھجي ان جي اندر جي اڌمن جو نگارو وڄندو محسوس ٿيندو ھجي ان جي احساسن جو رقص ھجي- جنھن ڪي ھو ڪٿان بہ شروع ڪري ۽ ڪٿي بہ ختم ڪري سگھي ٿو ان جي لکٽي ڪنھن بہ نتيجي جي نہ پابند ھجي ٿي نہ ئي محتاج اھا سواءِ ڪنھن خاص نتيجي جي پڄاڻي ڪي پھچي ٿي- يا اھو پڙھندڙ تي آھي اھو پاڻ ئي ان تحرير جو نتيجو اخذ ڪري- اھڙي لکٽي مضمون وانگي ڊگھي بہ ٿي سگھي ٿي تہ مختصر کان بہ مختصر ترين بہ- پر ان کي مضمون نٿو چئي سگھجي-

اسان وٽ عام فھم زبان ۾ نثري ٽڪرا چيو وڃي ٿو پر ان جي لغوي معني عبارت آھي- انشاء پردازي جا ڪجھہ ماھر ليکاري بہ گذريا آھن جن جون باڪمال لکٽيون تاريخ جو اڻ مٽ حصو بڻجي چڪيون آھن- سرسيد احمد خان، ابوالڪلام آزاد، پطرس بخاري، خواجہ حسن نظامي ۽ ابن انشاء ۽ شيخ اياز انھن ۾ سر فھرست آھن-

مجموعي طور پيچ ڍاھہ جيڪو 80 پيجن تي مشتمل آھي. ھڪ بھترين ڪتاب آھي ان جي ھر ھڪ عبارت پڙھندر ھر عام ماڻھوء کي پنھنجي ئي ڳالھہ محسوس ٿيندي بھترين ليکاري آھي بہ اھو ئي جنھن جي لکٽين ۾ موجوده دور جو عڪس بہ نظر اچي تہ سماج جي اڻ برابريءَ واري روين جو بہ ڏيک پسي سگھجي- سندس جا سمورا نثراٽا احساس ھڪ مالھا جا پوبل موتي محسوس ٿين پيا- پڙھندي پڙھندي لڳي پيو جڻ لفظن جو ھڪ سمنڊ ھجي جنھن ۾ قاري آھستي آھستي لھندو وڃي ٿو ۽ لفظ ڪنھن پنور وانگي ان جي چوڌگرد ڦرندا رھن ٿا-

پيشي جي لحاظ کان هڪ استاد خير پور ناٿن شاهہ جي ڳوٺ چوُ ٻار شريف ۾ جنم ورتندڙ احسان رضا جنهن جو ادبي نانءُ احسان آڪاش آهي- ڪنهن بہ تعرف جو محتاج ناهي- ادبي ڏانءُ سندس کي سنڌ ۾ هڪ خاص مقام عطا ڪيو آهي- نہ فقط ادبي ڏانءُ پر ٻين تخليقڪارن جي تخليقن کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ لئہ هن احساس مئگزين ۽ احساس پبليڪيشن جو قيام وجود ۾ آڻي ڪيترن ئي ليکارين جي لکڻين کي محفوظ بڻائي سيني جي دلين ۾ عزت ۽ احترام وارو رشتو پيدا ڪري ڇڏيو آهي- سندس ڪيترن ئي ڪتابن کي ڇپائي پڌرو ڪيو اٿن جن ۾ سنڌي توڙي اردو ڪتاب پڻ آهن. عڪسِ جانان هم، شاعريءَ جو آڪاش ، احساس نگر ، نظمن جو ديس وغيره نمايا آهن-

# زندگي جو نچوڙ _ پيچ ڍاهه

## مخدوم آسيه قريشي

سمنڊُ جي سيڀِن، تنين ماڻڪَ ميڙيا،
ڇلرَ جي ڇوئين، تن سانڪوٽا ءِ سُتيون.

جيڪي ماڻهو ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ پاڻَ کي وقف ڪري ڇڏين. سي محلن ۾ رهن يا ڪچن گهرن ۾ اهي عظيم ئي هوندا آهن. محترم احسان آڪاش انهن منجهان هڪ آهي. هڪ ئي وقت پبلڪيشن سنڀالڻ ماهوار رسالو ڪڍڻ علاوه ادبي سرگرميون ڪرڻ ڪو سَوَلو ڪم ناهي. جس هجي اوهان کي. ٻوليءَ سان لڳاءُ جو ذڪر پاڻ هن ڪتاب ۾ ڪيو اٿائون. ”علي بابا کي درياء سان بيحد لڳاءُ هو، حسن درس کي وري سمنڊ سان لڳاءُ هو شيخ اياز بادل، مينهن سان لڳاءُ ڪنڌڙ هو ۽ اهڙيءَ طرح مو کي بہ لڳاءُ آهي ۽ اهو لڳاءُ صرف ادب سان آهي.“

هن ڪتابَ جي خوبصورتي اهڙا نثري ٽڪرا آهن جيڪي پنهنجي اندر ۾ ڪئين ڪهاڻيون رکن ٿا. اهي ڪهاڻيون جيڪي گهٽن ڪان لکڻ رهجي ويون آهن.

”منهنجي زندگيءَ جون اکيون زخمي آهن. انهن اکين ۾ وقت جي ويرين سُيون ٽنبي ڇڏيون آهن“

”بک سيني لعنتن جي ماءُ آهي.“

”زندگيء جا سمورا مهانگا سبق هميشا سستا ماڻهو ئي سيکاريندا آهن، اهڙن سستن ماڻهن جو پنهنجي حياتيءَ ۾ قدر ڪريو.“

هيءُ نثراڻا احساس، سچ تہ هن معاشري جي عڪاسي آهن ۽ اسان سيني جي زندگيءَ جو نچوڙُ بہ. ڪٿي ڪٿي تہ ايئن ٿو لڳي ڄڻ هيءُ

ستون اسان پارَ لکيون هجن. اصل تخليقڪار ليکبو ئي تڏهن آهي جڏهن انهيءَ جا لفظ عام ماڻهوءَ جي دل جي ترجماني ڪن. دل تائين پهچن، ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪن.

هيءُ ڪتاب جنهن جو نالو ”پيچ ڊاهَ“ آهي. سو پنهنجي منفرد ۽ خوبصورت ٽائٽل سان، اسان جي ادب ۾ نئون ۽ خوبصورت اضافو آهي. معزز احسان آڪاش لاءِ نيڪ تمنائون

”تون اڪثر مونکان پڇندي آهين تہ منهنجي هر لکڻي اڌوري ڇو هوندي آهي!!؟؟ ڇو تہ منهنجي زندگيءَ جي لکڻي اجا اڌوري آهي.“

# احسان آڪاش هڪ حساس ليکڪ !

## سپنا گل

هن ٽيڪنالوجي جي تيز رفتار دور ۾ هر پيو ماڻهو مصروف آهي. ٻئي جي لاءِ وقت ڪڍڻ تمام ڏکيو ٿي پيو آهي. هر ڪو پنهنجي پيچ پيچان ۾ مگن آهي پر هن سماج ۾ ڪي اهڙا بہ فرد آهن جيڪي پنهنجو وقت، پنهنجو رت، سَت، پنهنجي تجربا، مشاهدا، تجويزون ۽ تحريرون سماج ۾ رهندڙن کي ارپين ٿا. اهي فرد سماج جا باشعور، بيباڪ، پنهنجي قوم، ٻولي سان پيار ڪندڙ اديب ئي آهن. جيڪو معاشري کي ان جي سامهون اهو روپ آڏو آڻين ٿا جيڪو هڪ عام ماڻهو معاشري جي ان ڇهري ڪان نہ صرف اڻ واقف آهي پر نہ ڄاڻ الائي ڪيترو پري آهي...!؟ هڪ ليکڪ جي قلم ۾ جتي اندلتي رنگ هوندا آهن اُتي ان سان گڏ معاشري جو درد، پيڙاءُ، ظلم، زيادتي، جبر، ڏاڍ، حقن جي خلاف ورزي، سماجي اڻ برابري، مظلوميت ۽ معصوميت بہ هوندي آهي. هڪ ليکڪ وٽ انيڪ احساس پلجندا آهن. پيار ۽ پاڀوهہ جا احساس، محبت ۽ ميٺاج جا احساس، ڏکهي جدائي ڪانپوءِ ميلاپ جا احساس انهن سڀني احساسن کي ميڙي سيڙي گڏ ڪيو آهي اسان جي سنڌ جي نوجوان اديب، ليکڪ، شاعر احسان آڪاش پنهنجي هن ڪتاب ”پيچ ڏاھہ“ ۾.....

هي ڪتاب نثراڻن احساسن تي مشتمل هڪ خوبصورت ڪتاب آهي. احسان آڪاش جي هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي هر رنگ ملندو، زندگي سان سلهاڙيل، هر واٽ تي مشڪلن جو حل ۽ ذهنن ۾ جيڪي رهجي ويل سوال هوندا آهن انهن جا اڪثر جواب ملندا. ايئن ڪٿي چئجي تہ نئون نسل هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪانپوءِ يقينن هڪ بهتر فرد ۽ مثبت سوچ سان ڀرپور انسان ٿي اُڀرندو...

ڪتاب پيچ ڊاهه ۾ احسان آڪاش جي زندگي ۾ جيڪا پيچ ڊاهه تي آهي سي سڀ هن ڪتاب ۾ جهڙو ڪ قلمبند آهن. هن ڪتاب ۾ اهي سمورا موضوع آهن جيڪي اسان جي هن معاشري جا ڪي وڻندڙ ۽ اڻ وڻندڙ عڪس آهن. اهي واقعا اسان سيني سان مختلف وقتن تي پيش ٿيندا اچن ٿا. پر اسان ڪڏهن ڄاڻي واڻي يا وري ڪڏهن اڻڄاڻائي ۾ اهڙن موضوعن، واقعن کان ڪن لاتار ڪندا رهندا آهيون ۽ اهي موضوع ڪنهن ٻئي شخص جي ذميواري سمجهي نظر انداز ڪندا رهندا آهيون.

احسان آڪاش نهايت حساس طبعيت جو انسان آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ معاشري جو رنگ روپ جيڪو ٻهر جي تيز، نوڪيلن ڪنڊن جيان آهي ۽ سماج جي ڪوجهائپ ڏسڻ جي هڪ مڪمل ڪوشش ڪئي آهي. سماج جو اهي حقيقتون بيان ڪيون آهن جيڪي لکڻ ۽ انهن کي گهرائي سان سمجهڻ دل گردي جو ڪم آهي. هڪ اديب جي حيثيت سان هن پنهنجي قلم سان ڪنهن حد تائين چڱي ريت نياءُ ڪيو آهي مان سمجهان ٿي احسان آڪاش جي هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ انسان جي سوچ ۽ ڪردار تي هاڪاري اثر پوندا. آئون هن کي شاهه سائين جي هن وانگر ڏسندي ۽ سمجهندي آهيان.

**ڪيئن ڦاٽي ڪيوڙا، پٽ ٻيرُ سين پيلهه،**
**پن تنهنجا پَشم ڙا، سامهون جَهلين سيلهه،**
**عقل جا اَڻ ويلهَ، ڪيئن ڦاٽي ڪم ذات سان. (شاهه)**

- **زندگي:**

زندگي هڪ خوبصورت تحفو آهي. پر تحفا هميشه پيٽ ڀريل جي هٿن ۾ سُونهندا آهن. بُکئي پيٽ واري جي زندگي به انجي جسامت جيان نِيِل هوندي آهي. سيئي رنگ اميرن جي ٿالهه ۾ جرڪڻ لاءِ آتا هوندا آهن. جڏهن ته غريب جي جهُڳي ۾ پِيلو رنگ (چُلهه) به اٽليو هوندو آهي. مون وٽ اهڙي زندگي جي ءِ اهڙن رنگن جي ڪائي ٻي تشريح ناهي، انهي لاءِ ته مان توکي ”زندگي“ ناهيان ڪوٺيندو.

♣

-

_

_ **حساب ڪتاب:**

هُن جي Math اڪثر ڪمزور هوندي آهي، شيون، ڪاڏو يا پيو ڪجهه وندبيندي هميشه پاڇي ”ٻُڙي“ بچائيندي آهي.

♣

_ **خواب:**

خوابن جو تعلق ننڊ سان آهي ۽ مان صدين کان اوجاڳن جو مسافر آهيان.

♣

_ **اُپ جي چاتي:**

مان ازل کان اُپ جي چاتي چيرڻ لاءِ ڇُري ناهڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجا هٿ وڍي ويهندو آهيان.

♣

_ **ڏپ:**

منافقت، ذلالت، حرامپائي، بي غيرتي، بيائي وات جي ڏپ جيان هوندي آهي، پنهنجي جي خبر ناهي پوندي ۽ ٻي جي ٻُري لڳندي آهي.

♣

_ **لعنت:**

ٻُڪ سيني لعنتن جي ماءُ آهي.[1]

♣

• (لعنت) سعادت حسن منٽو جي مضمون مان موضوع ڪنيو ويو.

- **سياست:**

جمهوريت جي تن تان سمورا ڪپڙا لاهي ان سان زبردستي زنا ڪرڻ ئي اڄ جي سياست جو واضع چهرو آهي.

♣

- **ادب:**

تاريخ جي سيني ۾ اڄ بہ طوائفن جي ڪوٺن تان سرجيل بهترين غزل دفن آهن.

♣

- **عورت:**

دنيا جي هڪ انتهائي خوبصورت تخليق، جنهن جي وجود سان هن پُوري ڪائنات جو وجود آهي. عورت فطرت جو هڪ سهڻو تحفو آهي.

♣

- **ڏوڙ:**

مان گذريل 39 سالن کان ڏوڙ ۾ آهيان، مون سان گڏ ڪُل عالمِ انسان پنهنجي پنهنجي هڪ مخصوص ڏوڙ ۾ رُڌل آهي. هر هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کان اڳ ڪڍڻ، گوءِ کٽڻ، جي چڪر ۾ آهي. ٻي کي مات ڏيڻ جي لاءِ هر و قت جهڙوڪ آتو نظر اچي رهيو آهي. پر مان پنهنجي ڏوڙ ٻين جي ڏوڙ کان الڳ ڪري ڇڏي آهي، مان پنهنجو پاڻ کي ڳولڻ لاءِ ڏوڙي رهيو آهيان. پنهنجي وجود جي شناخت کي تلاشي رهيو آهيان، پنهنجي اندر جو اڌ گم ٿيل حصو ڳولهي رهيو آهيان، پر گذريل 39 سالن ۾ مون وٽ صرف ڏوڙ کانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ ناهي.

♣

### ـ هُڳاءُ:

مينهوڳي ڪانپوءِ ڪچي زمين مان اٿندڙ مٽيءَ جي خوشبوءِ مون ڪي بي حد وڻندي آهي. فطرت جا انيڪ رنگ مون ڪي موهي وجهندا آهن. منهنجي جيون ۾ هُڳاءُ واسي چڏيندا آهن. شام جي پهر ۾ ڪُليل آسمان هيٺ ڪچي ڇِڻڪاريل پڌر تي کٽ تي ويهي فطرت جا رنگ پسڻ لاءِ من ماندو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مان تنهنجي ٿهڪن ۾ پاڪرن مان اهيا اکير پوري ڪري وٺندو آهيان. تنهنجو هُڳاءُ مون کي هميشہ وشال ڌرتي جيان محسوس ٿيندو آهي.

♣

## ـ رشتا:

انتهائي ويجهن رشتن جي موجودگي ۾ به جڏهن اوهان پاڻ کي اڪيلو ۽ تنها محسوس ڪريو ته پوءِ يقين ڄاڻو دنيا جو ڪو به ڳُلهو اوهان جي لاءِ مضبوط ثابت نه ٿيندو.

♣

## ـ اڪيلائي:

اڪيلائي ”ڪُتيءَ“ جيان هوندي آهي، جيڪا اڪثر مون کي ڪائيندي رهندي آهي.

♣

## ـ سماج:

هي سماج ¼ ۾ ٺهيل آهي. هڪ حصو توهانجو ۽ باقي 3 حصا سماج جا. سو پاڻ کي 3 حصن جي لالچ ڏئي ڪري پنهنجو هڪ حصو نه وڃايو. پنهنجي ئي هڪ حصي ۾ جيون گهارڻ سِکي وٺو.

♣

## ـ سگهه:

ها ! مان توکي وساري ناهيان سگهيو!

39 بهارون ڏسي چڪو آهيان پر 39 سيڪنڊن جيتري ملاقات جي لاءِ اڄ به دل سَڪون ڪائيندي آهي.

♣

- **پهرين چُمي:**

تنهنجي طرفان ڏنل پهرين چُمي، جنهن ۾ ڪائنات جا سمورا رنگ ۽ احساس سمايل هئا، انهيءَ چُمي جو لَمس اڄ بہ مون کي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي.

♣

- **ننڊ:**

مان اڪثر رات جو جاڳندو آهيان، شايد ازل کان ڪنهن ڏوهہ جو ڇڻ ڏوهي هجان ۽ عمر قيد جي سزا ۾ ننڊ مون کان ڪوهين ڏُور آهي ۽ مان سمهڻ کان هاڻي ڊڄڻ لڳو آهيان.

♣

## ـ آنڌ مانڌ:

منهنجو من بي قرار ۽ بي چين آهي هڪ عجيب قسم جي بي چيني مون کي ورائي وئي آهي. ڇا جي ۽ ڇا لاءِ بي چين آهيان؟ ڪا خبر ناهي ! پر من ۾ آنڌ مانڌ جاري آهي ۽ مسلسل دل جو ڌڌڪو وڌندو پيو وڃي، محسوس ائين پيو ٿئي تہ اِجهو ساھ جي تند ٽُٽي ويندي. خبر ناهي مان ڪيئي سالن کان انهي آنڌ مانڌ ۾ ڦاٿو آهيان....!!!؟؟؟

♣

## ـ پيسو:

جانور کي جيڪڏهن وات ۾ ڊالر وجهي ۽ ڳچيءَ ۾ سونا ڳٽ پارائي بازار مان چڪر لڳائي اچبو تہ..... تہ بہ جانور، جانور ئي رهندو. پيسي سان معيار ناهي ماپبو.

♣

**- محبت ۽ نفرت:**

مان محبتن جو متلاشي آهيان مون هميشہ محبتون تلاش ڪيون آهن. نفرتن جي پيٽ ۾ منهنجو گذارو ئي ڪونهي. نہ مان توهان جهڙو ٿيندس ۽ نہ توهان مون جهڙا.

♣

**- پاڳ:**

ادب جي آبياري لاءِ اوهان جو پاڳونڊ هجڻ تمام ضروري آهي. نہ تہ ننڍڙڪائي اوهان جي مقدر ۾ آهي ئي...... مون کي اڪثر دوست ائين چوندا رهندا آهن!

♣

**- ڪشڪول:**

وقت جي ڪشڪول مان منهنجي عمر جا 39 کوٽا سِڪا ڪِري پيا آهن.

♣

**- خواهش:**

تنهنجي ساٿ هجڻ سان، هڪ احساس بار بار جنم ورتو آهي تہ توکانسواءِ مان ڪجهہ بہ ناهيان.....!!!

♣

## ـ ڪُن فيڪون:

ڪالھہ رات منھنجي سپنن ۾ ھڪ خودڪش بم ڦاٽو ۽ منھنجي خوابن جا ڇٽڙيل لاشا روڊن تي پکڙيل پيا رھيا.

♣

## ـ گھڙي:

مون اڄ تائين گھڙي ناھي ورتي، مون کي امر نہ ٿيو ۽ توکي ڪڏھن الھام نہ ٿيو. ھٿ جي ڪارائي اڄ بہ تنھنجي وڇوڙي جي شاھد آھي.

♣

## ـ زندگي جون اکيون:

منھنجي زندگي جون اکيون زخمي آھن. انھن اکين ۾ وقت جي ويرين سُيون ٽنبي ڇڏيون آھن.

♣

## ـ ڪوجھائپ:

ڏيڄاريندڙ ، مڪروه چھرا، اذيت ڏيندڙ نظرون، ڦوٽاريل دوڏا، ٿلها، ٻي ڊولا ڪارا جسم، وڏا پيٽ، ڪِنا اٽيا چيڙهيل وار، پيلا بدبودار ڏند، ڪاراٽيل چَپ_____ هي سمورا نقش منهنجي ارد گرد جي ڪوجهن وجودن جا آهن. ڇو جو اهي ڪوجها وجود رت ۾ ٻين اهڙن رشتن سان مون سان سلهاڙيل آهن. جيڪي منهنجي ذهني صلاحيتين ڪي پڻ ڪوجهائپ جي اثر هيٺ آڻي رهيا آهن.

♣

## ـ ماڻھپو:

توهِ جي ماڻھپو ناهي تہ تنهنجو وجود مون لاءِ ڏُوڙ مثل ئي آهي.....!!!

♣

## ـ داغ:

داغيل ٻوٿ ۾ ڪڏهن بہ خوشين جا عڪس واضع نظر ناهن ايندا.

♣

ـ **نظر:**

دنيا جي وشال پڊر تي منهنجو پتڪڙو وجود.......! تنهنجي نظر کان مٿانهون آهي. ڇو تہ تون ظاهري اکين سان مون کي تلاشي رهيو آهين جڏهن تہ تنهنجي اندر جي اڏاوت ۾ منهنجي عمر جو اڌ حصو لڳل آهي.

♣

## ـ احساس:

منهنجا احساس ڊسٽ بن ۾ اڇلايل ردي ڪاغذ جيان آهن. جنهن جي هجڻ ۽ نہ هجڻ سان ڪنهن تي ڪو فرق نہ ٿو پوي.

♣

## ـ ڪمرو:

منهنجي زندگي جو احاطو صرف هڪ ڪمري ڪان وڌ ڪونهي.

♣

## ـ پالڻهار:

هڪ دفعو ٻيهر توکي ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان اي پالڻهار!

تہ اڄ ڪان 39 سال اڳ اوهان جي هٿن، منهنجي وجود جي مٽي بہ ڳوهي هئي.

♣

## ـ سپنا

منهنج سپنا سمنڊ ڪناري پيل انهن سِپين جيان آهن جن ۾ ڪي بہ موتي ناهن هوندا.....

♣

## ـ دُعا

منهنجو خلوص ئي تو لئہ دعا مثل آ تون گهبراءِ نہ مو ربّ ڪان صرف تو ڪي ئي گهريو آهي.

♣

## ـ سسئي ۽ صدا

اي سکي ! منهنجي ڪمري ۾ اج بہ تنهنجا تهڪ پڙاڏو بڻجي گونجندا آهن مان صدين ڪان تنهنجي راهہ پيو ڏسان ۽ تون صدين ڪان سسئي جيان ننڊ پئي آهين....

♣

## ـ مايا

هي ڪائنات صرف هڪ ڊوڪو آهي، هڪ مايا آهي ٻيو ڪجهه به ناهي، هتي سڀ ڪو جادوگر آهي، هر ڪو پنهنجو پنهنجو ڪيل رچائي ماڻهن کي مُنجهايو وينو آهي.

♣

## ـ اهميت

هٿ جي ٺَري جيتري ڪاغذ جي اهميت اڄ اسان جي قدن کان وڌيڪ قدآور آهي. ماڻهپي جو معيار صرف قارونيت وارو آهي. موسيٰ جي سين وارو زمانو لنگهي ويو، هاڻي چوڌس فرعونيت کي فروغ آهي.

♣

## ـ وجود

منهنجي سڀ کان وڏي بدقسمتي اهيا آهي تہ مان هن دور جو رهاڪو آهيان، منهنجي سوچن، منهنجي خلوص، منهنجي حساسيت ۽ منهنجي سچائي جي تن جا ڪپڙا لاٿا ويا آهن، مان زنا جي بستري جهڙي هن سماج جو هڪ اگهاڙو فرد آهيان. منهنجي وجود کي ڍڪڻ لاءِ ڪنهن کي ڪا بہ ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي، ڇو تہ مان فرعونيت کان فرار ٿي ويل فرد آهيان ۽ سماج منهنجي جسم تان جيئري کَل لاهڻ جي فتوائِ ڏئي ڪري منهنجي تن تان سمورا ڪپڙا لاهي ڦِٽي ڪيا آهن.

♣

- **هڪ سوچ:**

**زندگي جي هن مختصر ڊوڙ ۾ اسين هميشه اڳيان وڌڻ چاهيندا آهيون. پر اسين اهيو وساري ويهندا آهيون ته اڳيان وڌڻ جي لاءِ لازماً اسان کي ڪنهن نه ڪنهن کي پوئتي ڇڏڻو ئي پوندو آهي. ڇا اهو بهتر نه آهي ته بجاءِ ڪنهن کي پوئتي ڇڏڻ جي ان سان گڏ گڏ سفر ڪجي...!!!**

♣

### ـ فاسشست:

قرت العين حيدر جون سٽون آهن تہ: ”اسين سڀ حقيقت ۾ فاسشست ٿي ويا آهيون، اسان پنهنجي هٿيارن جا منهن هڪٻئي ڏانهن ڪري ڇڏيا آهن.“ اڄ جي هن دور ۾ ڪنهن وٽ بہ وقت ڪونهي جو ڪير ڪنهن جا درد پنهنجي جهولي ۾ ڪٽي..... انهن دردن جو ڪو درمان ٿئي..... تاريخ پنهنجو پاڻ کي انهن ماڻهن جي سامهون هڪ دفعو ضرور ورجائيندي آهي جيڪي تاريخ کي وساري ويهندا آهن.

♣

## ـ حِرص ۽ مفاد:

دنيا ۾ جتي اهلِ درد ۽ انسانيت دوست آهن اتي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جو گهڻو وقت تلوارون ۽ ڇُرين کي تيز ڪرڻ ۾ گذرندو آهي. جيڪي هر وقت اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هوندا آهن تہ پنهنجا تيار ڪيل هٿيار ماڻهن جي هٿن ۾ ڏئي خونريزي جو تماشو ڏسن ۽ پوءِ رت جي انهي حوض مان پنهنجي حرص ۽ مفاد جي اُڃ اُجهائين .....!!!! (2)

♣

سعادت حسن منٽو جي مضمون مان ڪيئل.

ـ **ظرف:**

ظرف جو ٿانوَ جيڪڏهن ننڍو هجي تہ گهٽيون شيون سنڀالي ناهي سگهندو پوءِ چاهي علم هجي، دولت هجي، تقوي هجي، عزت هجي، شهرت هجي. نيٺ ان ٿانوَ مان هارجي ويندو آهي[3]

♣

ـ **قدر:**

اخلاق جو قدر بہ دولت ۽ طاقت سان آهي.[4]

♣

ـ

ـ **لفظ:**

لفظ هميشہ مٺا ڳالهايو... ڇو تہ؟ جيڪڏهن ااهي لفظ ڪڏهن اوهان کي واپس وٺڻا پون تہ ڪڙا نہ لڳن...... !!!![6]

♣

---

- هي مٿيان ٽئي موضوع سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تان انسپائريشن طور کنيا ويا آهن.

## ـ دوست ۽ فنڪار:

زندگي گذاريندي گھڻن ئي ماڻھن سان واسطو پيو نظر تہ ائين آيو ڇڻ اھي اسانجو وڏو خيال رکندا ھجن پر ھاڻي پوئتي مڙي نھارڻ ڪانپوءِ حقيقت سمجھ ۾ آئي آھي تہ انھن مان چند سُھڻا دوست ھئا ۽ ٻيا سُھڻا فنڪار ھئا.(5)

♣

• ھي موضوع سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تان انسپائريشن طور ڪنيو ويو آھي.

## _ سبق:

زندگي جا سمورا مهانگا سبق هميشہ سستا ماڻهو ئي سيکاريندا آهن اهڙن سستن ماڻهن جي پنهنجي حياتي ۾ قدر ڪريو.(7)

♣

## _ هڪ ڳالهہ:

هڪ ڳالهہ هميشہ ياد رکي ڇڏيو تہ:

اخلاق ڪڏهن بہ نہ ٿو هارائي، ۽ تڪبر وري ڪڏهن بہ کٽي نہ ٿو سگهي !!!(8)

♣

---

- هي ٻئي موضوع سماجي رابطن واري ويب سائيٽ تان انسپائريشن طور کنيو ويو آهي.

## ـ صرف افسوس ئي ڪري سگھجي ٿو:

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ڪجھ ماڻھو ٻين جي ڪلهن تي پير رکي ڪري، نابينن جي جيان ٻين جون آڱريون جهلي ڪري، ۽ Corporate (هڪ مخصوص حلقو) کان صرف واه واه ڪرائي پنهنجي جڳھ ٺاهيندا آهن. شارٽ ڪٽ وارو، چاپلوسيءَ وارو رستو اختيار ڪندا آهن، پنهنجي تعريف جا ڪوڙا بند ٻين کان ٻڌرائيندا آهن ۽ زندگي پنهنجي اهڙي ريت گذاريندا آهن.

♣

## ـ بس هڪ ڏينهن مرڻ لاءِ:

جيڪو ٿيو آهي اهو ٿيندو ضرور .... هر شيءَ فنا آهي سواءِ منهنجي پالڻهار جي هستي جي باقي سڀ ڪجهہ فنا آهي.... بقا جي ذات صرف رب جي ذات کي آهي. زندگي جي پل جي بہ خبر ناهي تہ ايندڙ پل، لمحو ڪا گهڙي، ڪا ساعت اسان جي دامن ۾ ڇا کڻي ايندي؟ پيدا ٿياسين آذان ٿي، مري وياسين تہ نماز ٿي، آذان کان نماز تائين جي مختصر حصي جو نالو زندگي آهي. ۽ ان مختصر حصي جي زندگي ۾ اسان توهان ڪڏهن ڪڏهن ڪيڏا بي حِس ۽ ڪڏا ظالم ٿي ويندا آهيون جو اسان جي اردگرد رهندڙ انسانن جا ڏُک، درد تڪليف ۽ اهنج وغيره نظر بہ نہ ايندا آهن. بس جيئندا ويندا آهيون جيئدا ويندا آهيون صرف هڪ ڏينهن مرڻ لاءِ.......!!!!

♣

## ـ تقدس !

محبتن، دوستين ۽ رشتن جو تقدس پائمال ٿيندو پيو وڃي انسان، انسان کان پري ٿيندو پيو وڃي. ننڍ وڏائي ختم ٿيندي پئي وڃي. اسان هڪ اهڙي دنيا ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون جتي صرف مفاد، صرف پنهنجي ذات لاءِ جيئڻ، بغض، ساڙ، حسد وغيره سان سڄو ماحول پريو پيو آهي. ڪنهن کي ڪو فرق نه ٿو پوي اسان هي آخر ڪري ڇا رهيا آهيون؟ ڪهڙو ٻج ڇَٽي رهيا آهيون.....!!!؟

♣

**۔ ڏُک ۽ سُک:**

ڏک ۽ سُک اسان جي زندگي جي سِڪي جا ٻہ پاسا آهن. انهن جا پاڇا هر انساني جيون تي پوندا آهن. اهنجن، سَهنجن مان گذري پنهنجي منزل کي ماڻڻ ئي اصل زندگي آهي. باقي چوگرد هڪ آرٽيفيشل زندگي گذارڻ جو حلقو وڏندو پيو وڃي، هر انسان تي ڏکيو وقت اچڻو آهي پر ٻئي جي چپن تان دردن جون دانهون وٺي ڪري انهن جي چپن تي مرڪ ڏيڻ ئي انسانيت آهي.

♣

_ **ويڙهه:**

هو هر ڪنهن سان وڙهندو رهندو هو. ڪڏهن غربت سان ويڙهه، ڪڏهن پيٽ جي ٻن ويلن جي ٽڪر لاءِ پٿرن سان ويڙهه، ڪڏهن بُک ۽ بدحالي سان ويڙهه، ڪڏهن سماج جي اڻ برابري وارن روين سان ويڙهه. مطلب تہ سموري حياتي هو ڪنهن نہ ڪنهن سان ويڙهه ۾ جُنبيل هوندو هو. ڪڏهن بہ شانتي سان هڪ ڏينهن بہ نہ گهاريائين...... ائين وڙهندي وڙهندي نيٺ اڄ هو زندگي کان هارائي ويٺو ۽ هميشہ لاءِ شانت ٿي ويو.

♣

_ **علامت:**

روئڻ زندگي جي علامت آهي.

♣

### ـ شيون:

جيڪي شيون اوهان جي هٿ وس آهن اهي حقيقت آهن ۽ جيڪي شيون اوهان جي هٿ وس ناهن اهي صرف خواب آهن. ...

♣

### ـ اميد:

اميد ڪڏهن بہ لاهڻ نہ گهرجي, ڇو تہ دنيا اميدن تي قائم و دائم آهي. سو منهنجو سهڻو رب اوهان لاءِ اتان بہ رستو ٺاهي ڏيندو آهي جتان رستو نڪرڻ جي اميد بہ نہ هوندي آهي.

♣

### ـ مضبوطي:

جيڪڏهن اوهان پنهنجي زندگي ۾ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ چاهيو ٿا پوءِ زندگي ۾ هر ڏکئي حالات سان اوهان کي اڪيلي سر وڙهڻو پوندو.....

♣

### ـ مثبت رُخ:

هڪ سِڌي ۽ مثبت رُخ ۾ اوهان جو ڪيل ڪم هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور سڦلتا ماڻيندو. سامهون واري جي ڪم ۾ ڪيترا نقص آهن؟ ان ۾ ڪهڙا گُڻ آهن؟ اهڙي سوچ کي نندي ڪري صرف پنهنجي حصي جي ڪم تي ڌيان ڏئي اڳيان وڌندڙ پنهنجي منزلِ مقصود تي ضرور رسندا آهن. مسلسل محنت، جاکوڙ ۽ سچائي جي جذبي تحت ڪم ڪرڻ سان اوهان سماج ۾ هڪ سُٺي ۽ معياري ساک ضرور بڻائيندا...

♣

## ـ اڌوري لڪٽي:

تون اڪثر مون کان پڇندي آهين تہ منهنجي هر لکڻي اڌوري ڇو هوندي آهي...!!!؟

ڇو تہ منهنجي زندگي جي لکڻي اڃان اڌوري آهي....!!!

♣

## ـ ياد:

ها اهو سچ آهي تہ مان توکي اڄ بہ ياد ڪندو آهيان، ڇو ڪندو آهيان مون کي ڄاڻ ناهي، پر تنهنجي ياد جي اچڻ سان منهنجي وجود اندر اڄ بہ ساڳي عجيب پيچ ڊاھہ شروع ٿي ويندي آهي.

♣

- **رب ۽ ڪُفر:**

تون مون کي ايڏو پيار ڇو ڪندو آھين !؟ ھڪ دفعي پڇي ورتو ھيئي.....

”مان تو ۾ پنھنجي رب کي ڏسيو آھي.“

”تون صفا ڪو چريو آھين, ائين نہ چئبو آھي, ڪُفر ٿو ڪرين!“

”نہ مان چريو نہ آھيان, ڇو جو جيڪو پنھنجي رب کي ڏسي وٺي اھو چريو نہ ھوندو آھي.....!!!“

”ٻڌُ .... اي سُندر روح واري ڇوڪري ! ڪُفر توکي ڏسڻ ۾ نہ پر توکان مُنھن موڙڻ ۾ آھي.“

♣

### ـ اي منهنجي سپنا!:

مان پنهنجي باقي زندگي جا خوبصورت ڏينهن تنهنجي ئي محبتن جي ڀاڪرن ۾ گهارڻ کي دنيا جو عظيم تحفو سمجهان ٿو. ڇو ته دنيا جي ٻي ڪا به عورت مون جهڙي اڻ گهڙيل شخص کي ڪڏهن به ايترو چاهه ۽ مانُ نه ڏيئي سگهي ها!

♣

- **برف:**

منهنجا سمورا لهجا برف ٿي ويا آهن. تون پنهنجي ياد جي گرمي سان انهن کي پگهارڻ جي ڪوشش نہ ڪندي ڪر. ڇو تہ مون وٽ تو لاءِ ڪجهہ ناهي رهيو.....

♣

- **فطرت:**

خيرپور ناٿن شاهہ جي مٽي سان منهنجو جيءُ جڙيل آهي، مان جتي بہ رهان،دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ هجان پر اي منهنجي شهر جي مٽي! تو لاءِ منهنجو من هميشہ اُباڻڪو رهندو!!!

♣

## ـ جڳ جا ويري:

تون ۽ مان جڳ کي ويري ٻڌائڻ لاءِ هڪٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري ورتوسين. پنهنجن جو وير، زهر مِثل ٿيندو آهي، جيسين ماري نہ ٿو تيسين پورو نہ ٿو ٿئي. 10 سالن پڄاڻان اڄ بہ جڳ جي ويرين مُنهن ۾ آهيون. پر اهيا ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻي جڳ جو چهرو بدصورت کان بدصورت ٿي ويو آهي ۽ ان جي وات مان بدبو پڻ اچڻ لڳي آهي.

♣



پيچ داھہ
[نثراڻا احساس]
احسان آڪاش
احساس

## ــ تصويرِ زندگي !

زندگي قدرت طرفان ھڪ انمول تحفو آھي. ھي جيون انتھائي خوبصورت جيون آھي، ڪوڙ ساريون رنگينون ھن جيون سان جُڙيل ھونديون آھن. پر بدقسمتيءَ سان ھڪ تلخ حقيقت اھيا بہ آھي تہ اسان توھان ڪي ھتي ھميشہ ناھي رھڻو سڀ ڪجھہ ڇڏي وڃڻو آھي. ھڪ ڏينھن اسان توھان ڪي مرڻو آھي جڏھن ھڪ ڏينھن مري وڃڻو آھي تہ پوءِ اسان توھان ۾ ھي اجائي ھوڏ، وڏائي، تڪبر، تعصب، حسد، بغض، ساڙ ڪدورت، ڪينو لالچ، لوڀ ڇوءِ ڇا لاءِ آھي!؟

ان باري ۾ ڪير ڇو نہ ٿو ڏيان ڏري؟ ڪير ڇو نہ ٿو سوچي تہ اسان وٽ وڏائي جي لاءِ ڪجھہ ناھي رھڻو؟ چاھي امير ھجي يا فقير، ھر ڪنھن کي صرف 6 فوٽن جي ڌرتي نصيب ٿيڻي آھي، ڪٿي ڪٿي تہ زندگي جي تصوير پنھنجي رُخ بدلائيندي آھي تہ پوءِ موت بہ اسان ڪي آسان طريقي سان نصيب ناھي ٿي سگھندو. ڪٿي ٻُڏندا آھيون، ڪٿي سڙي ڀسم ٿي ويندا آھيون، ڪٿي حادثن جي منھن ۾ پوندا آھيون، ڪٿي گولين جو ڪاج ٿي ويندا آھيون، ڪٿي ڪيئن تہ ڪٿي ڪيئن، پر پوءِ بہ مري ضرور ويندا آھيون، ڌرتي جو نصيب ٿيڻ بہ غنيمت آھي. مرڻ ڪانپوءِ اوھان جا پونئر اوھان جي قبر تي ڪيترا ڏينھن لڙي ايندا ؟ ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي؟ ڇو تہ ھن دنيا ڪي مري ويلن جي نہ بلڪ زنده زندگين جي ضرورت آھي.

ڪنھن ڪي بہ ھتي ناھي رھڻو آدم واري دور کان جيڪي مري ويا اھي بہ اڃان سُتا پيا آھن، اڃان بہ ان کان وڌ عرصو اسان توھان ڪي سمھڻو آھي، ھڪ ابدي ننڊ اسان جي حصي ۾ بہ اچڻي آھي.

♣

## _ لڳاءُ

هر انسان وٽ پنهنجو پنهنجو لڳاءُ هوندو آهي. لڳاءُ مطلب ڪشش، ڇهتاءُ، وابستگي، شوق، نسبت، انسيت، واسطو وغيره. ڪنهن کي شراب سان ته ڪنهن کي شباب سان لڳاءُ، ڪنهن کي سُٺن ڪپڙن سان ته ڪنهن کي شاپنگ سان لڳاءُ، ڪنهن کي تصويرون ڪڍڻ ۾ ته ڪنهن کي سير و سفر سان لڳاءُ، ڪنهن کي جانور پالڻ سان لڳاءُ، ڪنهن کي جوا سان ته ڪنهن کي جهان سان لڳاءُ، ڪنهن کي شين سان لڳاءُ، ڪنهن کي عورت سان ته ڪنهن کي مرد سان لڳاءُ، ڪنهن کي فطرت سان لڳاءُ، ڪنهن کي پڙهڻ سان لڳاءُ، ڪنهن کي لکڻ سان لڳاءُ، ڪنهن کي راندين سان ته ڪنهن فلمن سان لڳاءُ، ڪنهن کي تعليم سان ته ڪنهن کي پنهنجي نوڪري سان لڳاءُ، ڪنهن کي ٻين جي خدمت ڪرڻ سان لڳاءُ.....!!!

علي بابا کي دريا سان بي حد لڳاءُ هيو. حسن درس کي وري سمنڊ سان لڳاءُ هيو، شيخ اياز  بادل، مينهن سان لڳاءُ رکندڙ هيو.  سعادت حسن منٽو کي شراب سان لڳاءُ هيو. منٽو چوي ٿو تہ “جڏهن ڏينهن مان شراب نہ پيئندو آهيان تہ مون کي ائين لڳندو آهي جڻ اڄ مان ڪپڙا نہ پاتا آهن”. سقراط کي سهڻن ڇوڪرن سان لڳاءُ هيو. هو پنهنجي اردگرد سهڻا ڇوڪرا رکندو هيو.

مطلب تہ هر ٻئي ماڻهو کي ڪو نہ ڪو لڳاءُ زندگي ۾ ضرور آهي. ڪنهن کي وري پيسي گڏ ڪرڻ جو لڳاءُ هوندو آهي. اڄ جي هن اهڙو(پيسن جوميڙڻ) لڳاءُ هر ٻئي ماڻهو وٽ  تمام گهڻو پلجي رهيو آهي.

سو اهڙي ريت مون کي بہ لڳاءُ آهي ۽ اهو لڳاءُ صرف ادب سان آهي، پنهنجي ٻولي سان آهي.  چو تہ سنڌي ٻولي جي خدمت عين عبادتن مان  هڪ عبادت پڻ آهي. مان پنهنجي ادبي خدمتن کي عين عبادت سمجهان ٿو. پوءِ انهي خدمتن ۾ منهنجي ٻچن جي روزي پڻ سلهاڙيل آهي. مان سمجهان ٿو تہ  ادب ئي اهو آئينو آهي جنهن سان اوهان سماج جا مڪروح چهرا ڏسي سگهو ٿا. اهيو لڳاءُ منهنجي خاندان کي ڇا ڏيندو يا نہ ڏيندو؟ ان سوچ کي رد ڪندي مان صرف اهيو ٿو چوان تہ مون لاءِ ادب آڪسيجن مثل آهي. هر ماڻهو کي پنهنجي منشا مطابق جيئڻ جو حق حاصل آهي سو منهنجي جيئڻ جي منشا پڻ ادب ۾ مبهم آهي.

♣

## ـ ذهني غربت:

ٻهراڙين ۾، ننڍين وڏن شهرن ۾ عموماً اسان سٺيون شيون مسئلاً (سُٺا ٿانوَ گلاس، ڪوپ، هنڌ، بسترا، ويهاڻا وغيره) پنهنجي پنهنجي الماڙين ۾، صندقن ۾، پيٽين ۾ لڪائي رکندا آهيون. جڏهن ڪو مهمان وغيره ايندو آهي ته پوءِ اسين اهي شيون ڪڍندا آهيون، پر پنهنجي ٻارن کي يا پاڻ کي انهن کان هميشه محروم رکندا آهيون. جڏهن ته هر سال نيون شيون مارڪيٽ ۾ اچن ٿيون ۽ انهن پراڻين شين جو مُلهه روز به روز ڪرندو پئي ويجي ٿو. جڏهن وري اچانڪ ڪنهن شادي هال جي دعوت تي يا سٺي ريسٽورنٽ ۾ فيملي سان وڃڻ ٿيندو آهي ته اُتي پيش ٿيل جديد طرز جي نَون ٿانوَن کي Judge به نه ڪري سگهندا آهيون ته انهن ٿانون مان ڪهڙي ٿانوَ ۾ ڪهڙيون شيون کڻي سگهجن ٿيون؟ سچ ته ان وقت صحيح معنيٰ ۾ انهن ٿانون ۾ اسان کي ۽ ٻارن کي کائڻ به نه ايندو آهي ڇو ته اسان اهڙيون شيون پاڻ کان هميشه پري جو رکيون آهن. شيون پراڻيون ڪري استعمال ۾ نه آڻڻ آسودگي نه بلڪه هڪ ذهني غربت جي نشاني آهي.

♣

## ـ ماڻھن جو ھڪڙو قسم ھي بہ آھي:

دنيا تيزي سان ترقي جون منزلون طئي ڪندي، اڳتي وڪون وڌائيندي پئي وڃي، پر اسان جي ماڻھن جي سُئي صرف (ٻئي کي برداشت نہ ڪرڻ) تي اٽڪي پئي ھوندي آھي. برداشت بہ ڇو ڪيان؟ مون کان ڇا ۾ پيلو آھي؟ فلان شخص کي تہ اچي ئي ڪجھ ڪو نہ ٿو؟ اسان ڏاڏي آدم جي دور کان سڪيل آھيون ھي ويچارو فلان ابن فلان تہ اجان سيڪڙات آھي، ڇاڻو ئي نہ آھي.... ياد رھي جائز ڪم ڪرڻ دوران اوھان کي ناجائز طريقي سان پريشان پڻ ڪندا، اوھان جي ڪم ۾ رُخنو وجھندا، اوھان کي ڪم عقل پاڻ کي اڪابر سمجھندا، اوھان تي ٺٺوليون ڪندا، اوھان جي ڪم مان ڪيڙا ڪڍندا وغيره وغيره....ان قسم جا سوال، تاثر، منفي سلوڪ ۽ ڳالھيون اوھان کي تڏھن ٻڌڻ ۾ ايندي‌ون آھن جڏھن اوھان انھن جي وچ ۾ پنھنجي قد سان اوچا بيٺا ھوندا آھيو. ڇو تہ سائين جي ايم سيد چوي ٿو تہ: **“ھر ماڻھو تي پنھنجي پنھنجي نالي جو اثر بہ ٿيندو آھي. جڏھن اوھان ۾ ٻين جي نسبت ۾ ڪا خاص خاصيت ۽ خوبي نمايان ٿيڻ لڳندي آھي تہ، پوءِ انھيءَ صفت کان ڊڄي ڪري وڏا وڏا نالا بہ اوھان جي مخالفت تي لھي ايندا آھن. ”**

♣

## ـ ادب:

اهو ادب ئي آهي جيڪو انسان کي انسان بڻائي ٿو. ادب ئي آهي جيڪو هڪ سچاڻ رُخ مهيا ڪري ٿو ته اوهان پنهنجي زندگي ڪهڙي رُخ ۾ گذاريو؟ ادب ئي آهي جيڪو اوهان جي اوگڻن کي ختم ڪري اوهان جي اندر ۾ ڪيئي نوان گُڻ پيدا ڪري ٿو. ادب ئي آهي جنهن تحت اسان هڪٻئي سان بنا ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ جي هڪ رابطي ۾ آهيون. اهو ادب ئي آهي جنهن سان هر عام و خاص ماڻهو تائين ڌرتي جي ڏانهن، درد، هڳاءُ پهچي ٿو. ادب ئي آهي جيڪو اوهان کي ٻين هزارن جي موجودگي ۾ هڪ الڳ مقام ۽ معيار مهيا ڪري ٿو. ادب ئي آهي جيڪو اوهان ۾ ڪجهه ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪري ٿو. ادب ئي آهي جيڪو اوهان ۾ نواڻ ۽ جدت پيدا ڪري ٿو.

♣

## ـ پيچ ڊاهہ

دل تي هڪ بوجهہ آهي، هڪ وزن آهي جيڪو لاهي بہ نہ ٿو سگهان، هڪ اڻڄاڻ درد حاوي آهي دل تي، جنهن مان آجو بہ نہ ٿو، ٿي سگهان۔ ڪجهہ آهي جيڪو بيقرار ڪري رهيو آهي. ڪجهہ آهي جيڪو سڀ ڪجهہ پيچي رهيو آهي، ڊاهي رهيو آهي. اُڻ ٽُڻ متل آهي. زندگي ۾ ساهہ ئي نہ رهيو آهي. جيون بي ساهو ٿي پيو آهي. منهنجي وقت جا پير انتهائي زخمي آهن، جنهن جو مرهم هن بي ساهي جيون ۾ ڪڏهن بہ ملي نہ سگهندو. خوشين جي جهرمر جهرمر لاٽ جو تعلق مونسان ڪڏهن ڪين رهيو آهي. شعور، خودداري ۽ خوامخواه جي انا جي پنڌ تي هلندي منهنجا پير پٿون آهن.

درد جي ڇاتي هميشہ مون لاءِ آتي رهي ٿي.

آفريڪا جي ان نپل ٻار وانگي جيڪو ٻُک جي شدت ۾

پنهنجي مئل ماءُ جي ٿوٽ ڇاتي سان چُهٽجي ويندو آهي.

مان بہ درد جي ڇاتيءَ سان ائين چُهٽجي ويو آهيان.

مان محسوس ڪيان ٿو تہ مان ڀُري رهيو آهيان،
ٽُٽي رهيو آهيان،
ڀڄي رهيو آهيان.
منهنجي وجود جا سوين ٽڪرا ٿي پيا هجن، جن کي ميڙڻ کان هر ساهہ رکندڙ وجود قاصر آهي.
مون روڊ، رستن، خالي گهرن، ديوارن ۽ زمينن سان پيار آهي. پر اهي سڀ شيون هاڻي مون ڏيڇاري رهيون آهن،
مون کي ڀؤ ٿو ٿئي انهن سيني شين کان،
مان چاهيان ٿو تہ مان هڪ وڏي ڏڪ ڏُڪان.
ايترو ڏُڪان جو ٿڪجي ٻي ساهو ٿي روڊ تي ڏهي پوان ۽ روڊ پنهنجون ٻانهون کولي مون کي پنهنجي آغوش ۾ ڀري وٺي.
مون کي صرف فطرت گهرجي،
ڏرتي گهرجي
مينهوڳي کانپوءِ مٽيءَ جو هڳاءُ گهرجي...!
مون کي پيسا ناهن ڪمائڻا، منهنجو وجود ان لاءِ آهي ئي نہ.
مون کي ان جهنجهٽ مان ٻاهر ڪڍي ڇو نہ ٿا ڇڏيو؟
مان هڪ الڳ وجود رکندڙ آهيان،
مون کي ڇڏيو تہ مان پاڻ سان مِلان ـ مون کي هن زهريلي سماج مان ٻاهر ڪڍو جتي منهنجو دم ٿو گهُٽجي. ساه ٿو نڪري.
پر هي سماج ڇتو ڪتو آهي جنهن مون کي ڏاڙهي وڌو آهي ۽ مان مسلسل زيرِ علاج آهيان...!!!

♣

## محبت:

محبت ئي انسان جو حقيقي معيار ۽ معمار آهي. محبت درس ڏيئي ٿي زندگي جو ۽ زندگي گذارڻ جو. محبت انسان کي نمايان بڻائي ٿي ۽ محبت انسانيت جي مفهوم کان چڱي ريت واقف ڪري ٿي. بقول خليل جبران جي تہ: ”بهشت ثوابن جي دنيا نہ پر محبت سان ٽمٽار دل جو ٻيو نالو آهي، ۽ دوزخ عذابن جو گهر نہ بلڪ محبت کان خالي دل جو ٻيو نالو آهي“ انسانيت جنمي ئي محبت مان ٿي. ماءُ جي قدمن هيٺيان جنت ان لاءِ آهي تہ هُن پنهنجي من ۾ رڳو محبتون پاليون آهن. ماءُ محبت جو سرچشمو ۽ شاهڪار نمونو آهي. اچو تہ پنهنجي دل مان نفرتن کي تڙي ڪڍون هڪ دل کان ٻئي دل تائين رڳو محبتون پکيڙيون، محبتون ورهايون..... پنهنجا من محبت جي آب سان ڌوئي اڇا اُجرا ڪيون معاشري ۾ محبت جون بهارون آڻيون پنهنجي دل ۾ محبتن جا چراغ روشن ڪيون ..... ڇو تہ ٻئي جي ڇپن تان درد جون دانهون وٺي محبت جي مرڪ ڏيڻ ئي دراصل هڪ انسانيت آهي.....!!!!!

♣

### ـ حرامي:

جڏهن هي سماج اوهان جي هر اُٿڻي ويهڻي کي صرف پيسي، دولت، وڏي رُتبي سان ماپڻ ۽ تورڻ لڳي تہ پوءِ پڪ ڄاڻي وٺو تہ اوهان جا جائز، ڪومل، نرمل، ڪونپل، نفيس، اڇا اُجرا، چاهتن ڀريا احساس اهڙن حرامين لاءِ وات جو زهر آهن.

♣

- **ٿورائتو:**

مون هميشہ انهن ماڻهن مان پرايو آهي جيڪي مون سان، منهنجي ڪم سان، منهنجي شخصيت سان، منهنجي وجود سان، منهنجي قابليت سان، منهنجي هر ڳالهہ سان عداوت، ڪروڌ، ساڙ بغض، حسد، نفرت، ناپسنديگي ۽ ٻيا اهڙا ئي خراب جذبا پنهنجي دل ۾ رکندا آهن. ڇو تہ اهڙن ماڻهن مون کي هميشہ اجان وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. وڌيڪ بُردبار ڪيو آهي، وڌيڪ محنت لاءِ اُتساهيو آهي. وڌيڪ همت ۽ جرئت پيدا ڪيو آهي. سو پنهنجي حلقہءِ احباب ۾ اهڙن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان.

♣

## زندگي ! ھڪ رولو ڪُتو ...

زندگي جڻ رولو ڪُتي جيان
هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڀٽڪندي ٿي وتي،
روڊن تي هر طرف هڏا پکڙيل آهن
۽ ڪُتن جي هڪ مخصوص
لوڙ انهن تي جامد آهي،
ڪُتو وفادار جانور آهي
پر هي ڪُتا وفا جي دار کان
گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن،
هنن ۾ هاڻي نہ دار آهي ۽ نہ وفا
صرف لوسائپ آهي،
هي سماج جا لوسي ڪتا آهن،
جيڪي صرف اُڇلايل هڏن تي
پنهنجو پُڇ لوڏيندا آهن.
۽ هي صرف ڪُتا ئي آهن
۽ ڪُتن جي وچ ۾ گذاريندي
زندگي جڻ رولو ڪُتي جيان بڻجي پئي آهي...!!!

♣

# احساس پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

## شاعري جا ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 شاعريءَ جو آڪاش | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 400 روپيہ |
| .2 صحرا منجهہ صدا | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 200 روپيہ |
| .3 عڪس جانان هم | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 250 روپيہ |
| .4 ننڊ جا نيڻ | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 200 روپيہ |
| .5 نظمن جو ديس | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 250 روپيہ |
| .6 ڪلام نشتر | (شاعري) | نشتر ناتڻ شاهي | 250 روپيہ |
| .7 سخن نشتر | (شاعري) | نشتر ناتڻ شاهي | 250 روپيہ |
| .8 چنڊ مان ۾ رولاڪيون | (شاعري) | آصف ڪالرو | 300 روپيہ |
| .9 درد ڪي هڪلي هلون | (شاعري) | خاڪي جاني | 250 روپيہ |
| .10 آخري ست لکڻ ڏي ! | (شاعري) | مخدوم آسيہ قريشي | 300 روپيہ |
| .11 نظم آهي زندگي | (شاعري) | ياسمين چاندِيو | 200 روپيہ |
| .12 صداءَ نشتر | (شاعري) | ناتڻ شاهي | 300 روپيہ |
| .13 شاعري جي پينگهہ | (شاعري) | شعيب شاد | 300 روپيہ |
| .14 پري پري گذر نہ ڪر | (شاعري) | فياض بلوچ | 200 روپيہ |
| .15 سوغات نشتر | (شاعري) | نشتر ناتڻ شاهي | 300 روپيہ |
| .16 دراوڙ دادلي | (شاعري) | عين سحر | 300 روپيہ |

## نثر جا ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| .17 سچ ۽ ساٿيهہ | (يادگيريون) | ارڏو اترادي | 200 روپيہ |
| .18 مرڪون مهڪون ميڙيم | (يادگيريون) | اقبال بلوچ | 250 روپيہ |
| .19 آديسي اٿي ويا | (خاڪا) | ديدار شام | 200 روپيہ |
| .20 ڇٽيل گل | (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر مقبول مارو | 250 روپيہ |
| .21 احساس نگر | (ڪهاڻيون) | مرتب: احسان آڪاش | 200 روپيہ |
| .22 سپنن جو پڙلاءُ | (ڪهاڻيون) | مرتب: احسان آڪاش | 250 روپيہ |
| .23 پيچ ڊاهہ | (نثراڻا احساس) | احسان آڪاش | 250 روپيہ |

## انگلش جا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .24 English Grammar | Raja Bajaj | 150 روپيہ |
| .25 Active Voice & Passive Voice | Raja Bajaj | 150 روپيہ |
| .26 Basic Biology | M.Athar Kalhoro | 120روپيہ |
| .27 Philosophical Poetry & Essays | Riaz Bhatti | 150 روپيہ |

## ايندڙ ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| .28 پيام نشتر | (شاعري) | نشتر ناتڻ شاهي | 300 روپيہ |

## ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ رابطو

احسان آڪاش (03013324100

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۾ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۾ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۾ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۾ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۾ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۾ شاعرن جي علم، هنر ۾ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۾ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۾ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۾ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

